ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا



شريڪانت صدف

## At Kuala Lumpur - Malaysia




Sindhology participates in 21st International Sindhi Sammelan held at Kuala Lumpur (Malaysia) 25-27th July 2014




Lakhmi Khilani, Director Sindhology holding the Cultural fort of Sindhi books, CDs and exhibition

اِشاعت جو ڇٽيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا-١٤٣

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
سب ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

**Year-36** سال : ٣٦
**Vol-143** اَنڪ : ١٤٣

في انڪ : ٥٠ رپيا
**Price Rs. 50/=**
**Annual Subscription Rs. 200/=**
**Life Subscription Rs. 2000/=**

**(July - Sept. 2014)**
جولاءِ-سپٽمبر ٢٠١٤

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

ڀاران : اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



## سلسلو

اَسانجي طرفان ٢؛ غزل /اَرجن حاسد ٥؛ غزل، دوها/ ڪيمن مولاڻي ٧؛ غزل /روشن گولاڻي ١٠؛ وائي /ڏولڻ راهي ١١؛ ڪوتائون - سِلسلو، پڪڙيل يادگيريون، شام جي لالڻ/ مڪيش تلوڪاڻي ١٢؛ ڪوتا - اَسين شرمندا آهيون، گهر، ڪالُ، ڪيترو ڏکيو آ/جيا جادواڻي ١٤؛ واقفيت ١٧؛ غزل /شريڪانت صدف ١٨؛ پوسٽ ماڊرن سنڌي آکاڻي -ترقي پسند/شريڪانت صدف ٢١؛ ڪهاڻي - 'ٻا' (ماءُ) /مايا راهي ٢٥؛ ڪهاڻي - بڪيٽ لسٽ (Bucket- List) /بنسي خوبچنداڻي ٣٠؛ ڪهاڻي -اَلا ڙي اَلا/جيا جادواڻي ٣٥؛ ڪهاڻي - ڪاش! ٻڌائي ڇڏيان ها .... /ڪومل ديالاڻي ٤٠؛ ليک - نوجوان شاعر - شريڪانت صدف /لڇمڻ ڪومل ٤٦؛ ليک - سنڌي غزل جو نئون آواز - شريڪانت صدف /ڪرشن راهي ٤٩؛ ليک - ديا جي ڀاونا/منوهر نهالاڻي ٥٢؛ ڪَٿ/ستيش روهڙا ٥٦؛ ليک - سنڌي شاعريءَ ۾ صوفيواد ۽ رهسيواد /واسديو موهي ٦٤؛

# مورچت چيتنا

Where the mind is without fear
And head is held high
ربيندر ناٿ ٽئگور جي گيتانجليءَ مان منگهارام ملڪاڻي هن گيت جو
سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي :

جت نہ ڪوئي خوف من ۾
ڳاٽ اونچو آهہ جت،
علم جي آزادگي آهي
ڪا بہ اَرچڻ ناهہ جت.
جت ورهاڱي جون پتيون
ٽڪرا نہ ڪن ٽيون ديس ڪي،
جيءَ جي اونهاڻ مان
نڪري نہ سچ جي ٻول ري.
جت اُدم ٻانهون کڻي تو
ڪماليت جي شان ۾،
عقل ڌارا گم نہ ٿئي
رسمن جي ريگستان ۾.
جت سوتنتر ڪارءِ ويچار ۾
نت لڳي من،
سرڳ اُن ڌرتيءَ تي جاڳي شل
مالڪ وطن !

Into that heaven of freedom
My father ! let my Country Awake !

انگريزن کي پارت مان ڪوچ ڪئي اڄ سٺهٺ سال گذري چُڪا آهن. پر افسوس ! گرديو ٽئگور جو ڀارت جي اوجل ڀوشيہ جو اهو سپنو ساڪار ٿيڻ بجاءِ ڏينهون ڀوءِ ويو آهي ڏنڌلو ٿيندو.

اڄ بہ ديس ۾ بک، بيروزگاري، بدامني ۽ جهالت جو راڄ جڳن جو تيئن قائم آهي. گورن وديسي حڪمران بجاءِ ملڪ جون واڳون ڪارن ديسي وزيرن، افسرن، پوليس ۽ فوجين جي هٿ ۾ سوگهيون آهن. نوڪر شاهي ۽ فيتا شاهيءَ جو ٽاناشاهي شڪنجو عام ماڻهوءَ کي ويو آهي وڌيڪ ۽ وڌيڪ سوڙهو گهٽيندو. هن جي مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪنهن بہ ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ داد فرياد ڪونهي، نہ ئي ديس جو ڪو پوليس ٿاڻو غريب مظلوم جي F.I.R. درج ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

چوڌاري ڀرشٽاچار جو بول بالا آهي. ملڪ ۾ قانوني سرشتي بجاءِ، غُنڊا گردي، ڌُرهہ زوراوري، زناءُ ڪاري، مائووادي ۽ طالباني عناصرن جي دهشتگريءَ جو سامراج اسٿاپت ٿي ويو آهي. اُن مٿان جهاد جو جهنڊو ڦهرائي لوڪشاهيءَ کي هر محاذ تي دفنايو پي ويو آهي.

ڀارتي سنسڪرتيءَ طرفان ديويءَ جي سنگهاسن تي ويهاري پوڄي ويندڙ استريءَ سان ساموهڪ بلاتڪار جا وحشي ڪارناما، ڏيهہ واڌار لاءِ هر سال لکن جي تعداد ۾ معصوم ٻارن کي اَپهرڻ ڪرڻ جا ڀيانڪ واقعا، جمڻ کان اڳ ئي نياڻين کي گرڀ ۾ ئي سنگسار ڪرڻ لاءِ مائٽن ۽ ڊاڪٽرن جي موتمار سازش.

ڏرم جي نالي چوڌاري ڦهليل اَنڌ وشواس ۽ پاکنڊ، ووٽن جي گندي راڄنيتيءَ ۾ ديس کي ڏرم، جاتي، ٻوليوار فرقن ۾ ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، کاپ پنچايت ۽ مُلا مولوين جون انسان جي پنهنجي سوُ اِڇا سان جيئڻ جي آزادي ماڻڻ خلاف فتوائون، چوڌاري ڦهليل ڊپ، ڏر، بم، ڌماڪا، پوليس جي گوليبازي، ٿر ٿر ڪنبندڙ خوف زده ماڻهو، صبوح جو روٽي روزي ڪمائڻ لاءِ گهر کان نڪري، شام جو موٽي اَچي پنهنجي ونيءَ ٻارن کي پاڪر ۾ ڀري سگهندو؟

ديس ۾ اڄ سڀ کان پٺتي پيئجي ويو آهي، عوام جي صحت سنڀالڻ ۽ ٻارن کي سٺي سکيا ڏيڻ وارو سرڪاري سرشتو. سرڪاري اسپتالون ڪوس گهرن ۾ تبديل ٿي ويون آهن، بنا صحيح علاج ۽ اڻ پوري کاڌ خوراڪ سبب ابهم ٻارن جي موت جا انگ اکر دنيا جي سيني ملڪن کي پٺتي ڇڏي چڪا آهن. ساڳي حالت

سرڪاري اسڪولن جي آهي. ديس جا چاليهہ سيڪڙو ٻار اسڪول وڃڻ بجاءِ دوڪانن تي ۽ ڪارخانن ۾ پورهيو ڪن ٿا يا رستن تي بيڪ پنن ٿا، بوٽ پالش ڪن ٿا، هوٽلن ۾ برتن صاف ڪن ٿا ۽ ائين سڄي عمر اڻ پڙهيل رهجي ٿا وڃن.

انگريزن جي لڏي وڃڻ بعد ديس سندن ڇڏي ويل انگريزي زبان جي غلامي جهيلي رهيو آهي. طوطي وانگر پنهنجي نئين نسل کي با با بلئڪ شيپ رٽائيندي، کين نيڪ ٽاءِ جي صليب تي لٽڪائي، سندن ذهن جي وڪاس تي اَسان بند ٻڌي ڇڏيو آهي. اَسانجي گُلڙن کي جتي قلواڙيءَ ۾ مهڪڻ ٽڙڻ، ڪپندو هو، آزاد پکين جيان عرش تي اُڏامي، لاتيون لنوڻ گهربو هو. اتُي ڍهہ ڍهہ ڪلو ڪتابن جو بوجو ڍوئيندي سندن ڇيلهہ ڇٻي ٿي ويئي آهي. مائٽن جي فرمائش تي کين سؤ سيڪڙو مارڪون کٽي، ڊاڪٽر انجنير، ڪامپيوٽر ماهر يعني گهڻو پئسو ڪمائڻ واري مشين بڻجڻو آهي. هن سکيا پرڻاليءَ ۾ نہ سوتنتر ويچار جي، نہ نئين سوچ فڪر يا علم عقل، منطق واري تخليقي عمل جي ئي ڪا آزادي آهي. پنهنجي ماتر ڀاشا کي ترجيح ڏيڻ وارن ملڪن انگلئنڊ، جرمني، جاپان، چين کان ڀارت ان سبب گهڻو پٺتي رهجي ويو آهي.

ڀارت جو اسي سيڪڙو عوام اڄ بہ ڳوٺن ۾ رهيٿو. اتُان جو آدم اڄ بہ اتُي لٽي اجهي سان گڏ شهري سهوليتن جو محتاج آهي. ڳوٺ جي عورتن کي ضروري حاجتن لاءِ منهن اونداهيءَ جو لوٽو کٽي ميدان وڃڻو ٿو پوي ۽ وحشي انسانن ۽ درندن جو شڪار ٿيڻو ٿو پوي. هزارن سالن جي جهونين روايتن پرمپرائن، مدي خارج رسمن رواجن جي گنل پينل رستن تي اکين تي پٽا ٻڌل ڍور جيان پنڌ ڪندو رهڻ ئي هڪ عام ڀارتواسيءَ جو نصيب ٿي ويو آهي.

ڀارت جي عوام کي سندس هن مورڇت چيتنا مان ڪهڙو ايشور اوتار وٺي، جاڳائي سجاڳ ڪندو؟ ڪهڙو ٻُڌ کين پنهنجي ستيہ اهنسا جو مارگ ٻتائي سندس چيتنا شڪتيءَ جي راهہ روشن ڪندو؟ ڪهڙو شواجي، پرتاب، سياش کيس نا انصافيءَ خلاف لڙي پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ بيدار ڪندو؟

اڄ جي انسان کي پنهنجي لڙائي پاڻ لڙڻي پوندي. پنهنجو گرو پاڻ بڻجي پنهنجي ذهني اونده دور ڪرڻي پوندي.



# غزل / اَرجن حاسد

-۱-

عشق وارن جي ڳالهه ڪير ڪري
وائڙن سونهن کي ڏنو ويني

اولڙن آرسيءَ کي دانهن ڏني
هوءَ ڇسي ڇا ڪري، نٿي سمجهي

تو ڪڏهن پير ۾ نه ڇير ٻڌي
سُرَ جو آلاپُ بي خودي آهي

مرڪندي رهندي آهي پرڪرتيِ
جهنگ جهر بحث مان نٿو ڄاڻي

ڇڙٻَ تي منَت منهن گهنجايو اِئن
بي گناهن جيِ اڪ اڇا سُڏڪي

رات چرچي ۾ هُنجو هٿ پڪڙيم
خوامخواه تون نه ايڏا دڙڪا ڏي

ڪيڏا آڪارَ اڪ اُٿيا حاسد
سڀ سڃاڻن تا منهنجي هَٽپٽ کي

پيچرو هيءُ وٺيِ هلي وڃجئن
صرف هڪڙو دفعو مڙي ڏسجئن

ڪنڪنائي ڪري يڇي ويندءِ
ڪڙ ڪٻيتن ڪان دوُر ئي رهجئن

هيرِ ايڏو نہ بدمزاجن کي
مرڪ تن کي لڪي لڪي نہ ڏجئن

توکي احساس تنهنجا ضربيندا
گل نہ ٺاريءَ تان هڪ ڪڏهن چنجئن

آرزوُ جي ٿيِ ايڏو تڙقائي
آرسيءَ جا ٿيِ ڳل چمي ونجئن

ڪيترا لڙڪ ٺوٺ ڌرتيءَ تي
توکي جيڪو وٺي اُهو ڪٽجئن

توکي حاسد ڪيو اُڳهاڙو جن
تون هميشه اُنهن جي پت رکجئن

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**



# غزل / ڪيمن مولائي

(١)

جي ڇڏي ڏُکَ اَچين، ڀلي اَچجنءِ،
مرڪ منهن تي رڱو ڪٽي اَچجنءِ.

ڀونءِ ڀن کي ڇيو پئي ور ور ،
ٽار تان لڙڪ جيان لڙي اَچجنءِ.

بي سبب جي ڇين ڪنڊا ڏڳ تي،
ڇهنب تن جي ڇِتي ڀڃي اَچجنءِ.

ڪاڻ هر ساهميءَ ۾ تون ڏسندين،
رمز ڪا وقت ڪان سکِي اَچجنءِ.

ڪونہ ڪونڊين ۾ گل ٽڙن هاڻي،
ساڻ سرهاڻ کي وٺِي اَچجنءِ.

دٻدٻو بس هتي اَنگن جو آ،
ڪي ٻڙيون جيب ۾ وجهي اَچجنءِ.

گهنڊَ، گهڙيالَ، ڍولڪوُن، طبلا،
گوڙَ اُجلي اِهي ڀڄِي اَچجنءِ.

(٢)

جو ڇپائون تي سچ جو پاڇو هو،
سو نديءَ ۾ ڏنم پياسو هو.

سمنڊ طوفان سان وڙهيو اَڪثر،
ڪيڏو مشڪل هتي جياپو هو.

تي لڳو پيٽ جي ڪري ننديڙو،
هونءَ ته منهنجو اَڱڻ ڪشادو هو.

هٿ ۾ سيني ڪٽي ڏنو پرڪيو،
ڪنهن ڏئي ملهه نه آزمايو هو.

هوُ چمڪ سان ڊڪي ڪٽي آيو،
سوڪڙي ڇاهي ڪنهن نه ڄاتو هو.

ذڪر آيو جڏهن شرافت جو،
تو ڏنو ڳالهه کي وراڪو هو.

گهر گهٽيون روڊ ميڙ بازاريون،
هر جڳهه ڪو نه ڪو تماشو هو.

جان گهوريا جون جنهن ڪيون ڳالهيون،
اُن ڏنو وقت تي دلاسو هو.

## دوھا / کيمن يوُمولاڻي

زھريلي ائين ٿي ھوا، جيئڻ ٿيو دشوارُ
ٽوڙي رشتا ٿي نئون، گھڙيو سيِن سنسارُ.

ھر ڪونڌيءَ ۾ گل ٽڙيا، ڇا ته ھئي سرھاڻِ،
پر مون پاڇي سان ڪئي، ويني روح رھاڻِ.

ڪڇي وڃي ڪنھن وٽ ڀلا، بار بار فريادِ،
ڏيندو ڪنھن کي ڪونه ڪجھه، آ ڪنڌھر بربادِ.

ڪري ڏِسو ڳُلَ کي ڇِنِي، ڀَلِ ٽاريءَ کان ڌارَ،
ڪونه مٽيندو رنگَ ءُ، ڏَيندو سا ھٻڪارَ.

پنھنجون پنھنجون جدولون، ضرب ونڊ ڪٽ جوڙَ،
سک جي لءِ انسان کي، ڪيڏي آھه ولوڙ.

ڪيڏو سرھو سبز ھو، سھڻو دل جو باغُ،
جڻ ڪلراٺي کيت جيان، ھاڻي دل و دماغَ.

مرک شاھه پائي ھلي، ٿو جھولڻ جو ويسُ،
ڪيئن بچي سگھندو ڀلا، ھاڻي پنھنجو ديسُ.

**New A-14/134,**
**Bairagrah,**
**Bhopal - 462030**
**Mb. 094250-51715**

## غزل / روشن گولاڻي

زندگي اڄ جي، زهر ٿي وئي آ !
۽ مهانگائي قهر ٿي وئي آ !

چنڊ ٿو روشني ڇٽي پڳهارَ بن،
جڳ جي جڻ ليلا لهر ٿي وئي آ.

آ فصل ٿيو سٺو، گهڻو جت ڪٽ،
سا ته مالڪ جي مهر ٿي وئي آ !

آهه محنت رهي جوان دائم -
شام هاڻي ته سحر ٿي وئي آ !

آهِ دل کي مليو محب جو پيارُ
سو، بهارن جو شهر ٿي وئي آ !

آه ’روشن‘ ! حيات جهرڻي جان
ڏِسُ ٿڌي ڪيڏي لهر ٿي وئي آ !

**No.1 "ADITYA BUNGLOWS"**
**Inside Awas Park,**
**Nr. Kotarpur Water Works,**
**Noblenagar, P.O. Kubernagar,**
**Ahmedabad - 382340**



# وائِي / ڏولڻ راهي

خواب خيال بہ هو نہ اَمان !

توسان ههڙو هاڃو ڪئن ٿيو؟

١. ورثي ۾ جو مليو وڏن کي

ڏنئون نندن کي ڇو نہ اَمان؟

٢. ڏاڏيون نانيون پڻ ٻچڙن سان

سنڌي ٻولِ ڪو نہ اَمان!

٣. مائرُ پينر ٿي لاپرواهہ

ڪير ڪندُءِ پو اونَ اَمان!

٤. ٻوليون ٻيون تہ گهٽئي پر تِنِ مان

ساءُ اَچي ٿو سو نہ اَمان!

٥. ماکيءَ مِصريءَ کان بہ مٺي تون

قدر ڪَيئون تنهنجو نہ امان!

٦. اَسين هُجون نہ هُجون تون هونديندءِ

هيٺيِ ٿيِ هِئن رو نہ اَمان!

٧. ڪي تہ سپاتر ساروں لهندا

لڙڪن سان مُنهن ڌو نہ اَمان!

توسان ههڙو هاڃو ڪئن ٿيو ؟

6, Sawar House,
Srinagar Road,
Ajmer - 305007



## ڪوتائون / مُڪيش تلوڪاڻي

### سِلسلو

اُن نياڻي سال
سَپ، وڇڙي ويا
پَن درخت (وڻ) کان
ڌار ٿي ويا.
هاڻ، ملڻ مَحال
صرف يادگيرين جي
مانڊاڻ مان
ڪي منڙيون سُرڪيون
ياد پون.
اِسڪول جو گهنڊ
ڪن کي ڪڙڪائي
ٻچيءَ (ڪلهي) ۾
وڏو ٿيلهو.
من جي مستي
چِلِ وِل - ڪِل ڪِل
چٽيٽاڪاڏا
چشڪيدار ڳالهيون
پيار - محبت - پنهنجائپ
اُهي بہ ڏينهن هئا
هي ڪجهہ بيءَ طرح !
پر.... تئين دؤر ۾
ڪچا ڦل، پچي
مٺا لڳندا
سلسلو هلندو رهندو.

### پڪڙيل يادگيريون

اُهي وڏيون دريون، در
پچي پور ٿي ويا هوندا
اُهي، المست پکي
تن مان
پر ٻڏي
دؤر اُفق ڏانهن
هليا ويا هوندا.
ڪڏهن ڪڏهن ڪين
موتي اَچڻ جي چاهہ
تڙڦائيندي هوندي.
هو، پنهنجن
آکيرن کي ياد ڪري
ضرور، نيڻ ڀِمائيندا هوندا
پنهنجي ماضي
ڪين اوس
الَمستيءَ جا پل
ياد ڏياريندي هوندي

اَچا ساهہ آهي
چاهہ آهي
اُهي دريون نہ، اُهي درنہ
پر.... اُهي گهٽيون ڏسان
جتي يادگيريون
پکڙيل آهن.

## شام جي لالاڻ

جڏهن تنهنجا
مٺا لفظ ٻڌان
ياد ڪرائين ماضي.
هاڻ، سهڻا ٻوٽا
وڌي وڻ ٿيا هوندا.
اُنهن اڱڻان
سرسبز پونءِ تي
تازا، سهڻا، خوشبوُدار
گُل ٽڙيا هوندا.
ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا
ڪارا - اَڇا
اُڏامي ويا هوندا.
هاڻ صاف
وڏن ڪمرن جي ڀتين تي
سهڻا فوٽا مشڪندا هوندا.

موقعا آيا ۽ ويا
موقعا ايندا ۽ ويندا
الائي ڪڏهن روُبرو
مڪاميلو ٿيندو
هيءُ شام جي لالاڻ
ڪجهہ ياد ڏياري ٿي.

**41, Sindhu Varsha Foundation,**
**Adipur - (Kutch) - 370205**



ڪوتا/جيا جادواڻي



# اَسين شرمندا آهيون

هوُ تا چون اَسين شرم ڪيون
شرم ڪيون پنهنجي ’هئڻ‘ تي
پنهنجي جسم تي شرم ڪيون
شرم ڪيون پنهنجن ڪپڙن تي
پنهنجن ڍڳهين سُهڻين ٽنگن جي
ترڪندڙ رستن تي
اُره تي، ٽڙي تي
هر جيُگهه، ڪاهي، هر سُرنگ تي
جنهن تي هوُ چاهن تا
هر هر ترڪي ڪِرڻُ
هوُ اَسانکي رکندا آهن پنهنجن خوابن جي سنسار ۾
بند اکين ۾ لڪائي سڀ کان
هو پريم جي طرز تي ڪَنِ تا نفرت
اُنهن جي ڪرڻ - پتڪڻ جا به ڏوهي اَسان
هو چون تا، اَسين شرم ڪيون
اَسانکي شرم آهي پنهنجي ’ڪَيي‘ تي
اَسين پنهنجيءَ ’ڪُک‘ تي شرمندا آهيون.

# گهر

’گهر‘ منهنجيءَ پنيءَ تي
هلان پيئي تي زخمي پيرڪٽي
هيءَ جا ايتري اوندهہ پري آ تو
منهنجي احساسن ڪان وني
منهنجن آندن تائين
ڪاريون تي ويون آهن من جون پتيون
مونکي ڪٽي وهڻ جو حڪم ڪونهي
هنکي لاهي نٽي سگهان لمحي لاءِ بہ
مان ٽڪجي پيئي آهيان
ياءُ - پيڻ زال نهندي نهندي
مان ٽڪجي پيئي آهيان هڪ عورت نهندي
مان پنهنجيءَ ايمانداريءَ ڪان ٽڪجي پيئي آهيان
مان ٽڪجي پيئي آهيان ’ها‘ ڪندي
مان مشڪندي ٽڪجي پيئي آهيان
اَچو، پوڙيون هنکي تيزاب جي تلاءَ ۾
هاڻ مان
هن گهرڪان مُڪتي چاهيان تي.

# ڪالُ

ڪٽي ويو ڪپڙا سڀ منهنجا
پري .... گهٽو پري
ڪال وهندڙ نديءَ ۾
مان اُگهاڙي
ڪنارن تي
خواب تي ڏسان ديهہ جو.

# ڪيترو ڏکيو آ

مان هڪ اَهڙي ديهہ آهيان
لڳاتار گھٽجندڙ قيمتن تي
توکي ملندي رهي آهيان
ڪڏهن روٽي ۽ ڪپڙن جي عيوض
ڪڏهن آسري جي ڳولها ۾
ڪڏهن ڪجھہ نوٽن جي خاطر
ڪڏهن تہ توري ديا - حياءَ ڏيکارڻ تي بہ
ڪڏهن وني آئين ڪجھہ شيون
ڪڏهن ناهي چڏيئہِ چوطرف ديوارون
پوءِ بہ جڏهن پوُ تيئي
وجهي چڏيئہِ 'ڪُک' ۾ هڪ ٻار
هاڻي وچڻ مهل ٻاهران ڪڙو بہ نٿو ڏين
ڪڙو تہ هاڻي اندرئي لڳي ويو
ڏکندي رشتي سان نڪرندڙ دونهين ۾
گھٽجي ٿو دمُ
سرد ٿيندڙ ديهہ ٻارڻ
ڪيترو ڏکيو آ
ڪيترو ڏکيو آ
سچ جي باهہ ۾
پڪل پہ روٽيون کائڻ.

**B-136, VIP Estate,**
**Vidhan Sabha Marg,**
**Khamirdih - Raipur - 492001**
**(Chhateesgarh)**
**M : 9827 947 480**



# شريڪانت صدف

**پورو نالو** : شريڪانت موتي شرما صدف

**جنم** : 23 جولاءِ 1959

**جنم آستان** : ممبئي

**تعليم** : ايم. اي. (سنڌي - ممبئي يونيورسٽي)

**پيشو** : 1982 کان شعر رچڻ شروع ڪيائين

**ڇپيل ڪتاب** :

- نفرت جا گل (50 غزل - 1990)
- نانگن جا ٻر (50 غزل - 1993)
- ذهن جا قبيلا (27 غزل ۽ 27 آزاد ڪوتائون - 1996)
- وچ وارن کي لٽ بڻائي (84 آزاد ڪوتائون - 2004)
- ورهاڱي بعد سنڌي شاعريءَ ۾ ڌارائون (طويل مقالو - 2010)

**سنڌ ۾** :

- زندگي هڪ وار وري شروع ڪرڻي پوندي (غزل ۽ آزاد ڪوتائون - 2005)

**انعام** :

- اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان سال 2003-2004 لاءِ نارائڻ شيام انعام
- NCPSL طرفان سال 2006-2007 لاءِ آزاد ڪوتائن جي مجموعي 'وچ وارن کي لٽ بڻائي' تي اِنعام

**سرنامو** :
**B-33, Aaram Hsg. Society,**
**Vakola - Mumbai - 400055**

## غزل / شريڪانت صدف



(۱)

دل جو پڪو جو آهين تہ ڪَن جو ڪچو نہ ٿيءُ
ننڍڙي آ ڳالهہ تنهن تي رُوئڻهارڪو نہ ٿيءُ

وهنوار ۾ توُن غير مُسلسل رهئين سدا
موزوُن شعر بڻج، غزل جو سرو نہ ٿيءُ

ڏسندي ئي جنهن کي جڳ جون اکيون چرخ تي وڃن
سو دوست بڻجي رهہ تون مگر مُعجزو نہ ٿيءُ

بعضي ندي بہ ڪائي ڦُٽڻ گهرجي تو منجهان
اونچو اُٿڻ گُهرين تہ جبل ڪان وڏو نہ ٿيءُ

اَخلاق سان ڪنو هتي طاقت پي تي ڪپي
آواز جهيڻو ٿين بہ تہ لهجو جهڪو نہ ٿيءُ

موُن جهڙا عام ماڻهو نہ ويسهہ ڪري سگهن
بيشڪ سُنو تي پوءِ بہ ايڏو سُنو نہ ٿيءُ.

---

’وزن‘ - ’صدف‘

دل جو پ - ڪو ج آنهن - تہ ڪَن جو ڪ - چو نہ ٿي

مفعول - فاعلات - مفاعيل - فاعلن

(٢)

مان تہ گُگدام هر پل نوابن سان تون
مان تہ ظاهر مگر آن حجابن سان تون

هر گهڙيءَ ڪن کي الزام ڏيندو وتين
هر گهڙيءَ ڪن مکوٽن نقابن سان تون

ڏينهن سارو پين کي ڏڪايو وجهين
رات چرڪي اُٿين پنهنجي خوابن سان تون

تون ٿو جن کي پڙهين سي ٿا توکي پڙهن
چو رڙل ٿو رهين بس ڪتابن سان تون

ڪنهن بہ بدبوُکي چو ڪين ٽاري سگهئين
هي جو گهيريل رهيو آن گلابن سان تون

ڪو سوال ئي ٿو اهڙو پڇين ياد رک
سڀجي ويندين سمُورو جوابن سان تون

---

’وزن‘ - ’صدف‘
مان تہ گُگُ - دام هر- پل نوا - بن س تون
فاعلن - فاعلن - فاعلن - فاعلن.

(٣)

گهر جي در تي ئي توکي بيهڻو آ؟
سرڪي وڃ ڏورو، مونکي وچڙو آ.

دل جي رستي تي پل ڪچي ديوار،
مون کي موٽي هتي نہ اچڻو آ.

• صرف وعدو ڪرڻ سکيو آهيان،
وعدو ٽوڙڻ بہ هاڻ سکڻو آ.

ڏيان ڏيندو سو تنهنجي آڳر ڏي،
عمر ساري ئي جنهن کي نچڻو آ.

(٤)

ڳچيءَ ۾ هار آ پر ڪنڌ تي تہ ڪاتي آ
هينئر وچي مون زماني جي چال ڄاتي آ.

فقط هريش جي ڪوتا وٽي تي اِئين ناهي
اَسان تہ شاهہ جي وائي بہ خوب ڳاتي آ.

بہ چار فرد اَٿاسا ڏناسين ڇا تي پيو
رُکي رُکي ئي سهين، پو بہ پنهنجي جاتي آ.

ڏسو اِهو تہ ڇا اندر بدن سلامت آ
توهين ڏسو ٿا مون پوشاڪ کهڙي پاتي آ.

معيار مُنهنجي کي پرکڻ ذرا ڏُکيو لڳندءِ
اَڃان تو پير جي لفزش ڪٿي سُڃاتي آ.

(٢٠١٤-٤-١)

---

• صرف وعدو ڪرڻ سکيو آهيان
فاعلاتن، مفاعلن، فعلن

# ترقي پسند

چوندا آهن هَٽَ هر وقت هاج ۾ اٿس ته ماڻهو بيروزگار ڪيئن ٿيو! پر اَنڌُ چڙهيل نگاهون ڏسي ڪئن سگهن؟ هڪ مخصوص طرز - ي- حيات اپنائڻ سبب پيسا هاٿي مون وٽ نه جهڙا وچي بچيا هئا. جڏهن هوندا هئا، تڏهن اڪيلو ڪونه هوندو هئس، اڄ لڳ ڀڳ اُڏائي چڪو آهيان ته ظاهر آهي اڪيلو آهيان.

گذريل ڏهاڪي تي ڪيئن روشني وجهان؟ هڪ صدي به ايتري ولولا خيز ڪانه هوندي آهي. ننڍي ڳوٺ ۾ اچي قيام ڪيو هئم. ننڍو گهر. گهرجُون محدوُد. البت دل جون تقاضائون اڪيچار. مَنُ ماري ويٺو هئس، ائين به نه ٿو چئي سگهان، در اصل مان پاڻ کي ماري ويٺو هئس.

ليڪڪ ۽ شاعر هئڻ ڪري چئن ماڻهن جاتو ٿي، سُڃاتو ٿي. ڪِن کي ٻُرو لڳو 'آمدني صفا ٿِڙي اَٿس، ته پوءِ لکي چو ٿو؟ مليس ڇا ٿو؟ ۽ هيءُ ايڏو نالو ڇاجو؟' کي ته اِن حد تائين وچي پهتا جو مٿي تي تغاريون ڪٽي، ميڙن ۽ مجلسن ۾ هليا ٿي آيا. 'ڏسو. اَسان پورهيو ڪيو آهي. اسان پگهر وهايو آهي. اَسان جي ڪمايل هر رُپئي مان پسيني جي تکي بوُ ٿي اَچي. 'هن' جي آمدني ٿِڙي. ڪم ڪري ڪونه. پئسا ختم ڪري ڇڏيائين.'

'هي ڪهڙن حوالن سان نواب سڏجي ٿو؟' رَڳو هڪ دفعي شائسته ٻوليءَ ۾ هنن کي چيو هئم، 'نواب پورهيو ڪونه ڪندا آهن. وقتي عياشي ڪن. وقتي فاقاڪش ٿِٽجن. پر پورهيو ڪونه ڪندا ۽ انهن ئي حوالن سان هوُ نواب سڏجن.'

وري ٻيا کي هئا جن چيو ٿي ته رشتا ناتا وڳيانڪ هئڻ کپن. ۽ ڌرم ڏي لاڙو هئڻ کپي. هنن گهٽو ورجائي چيو هو سو هنن کي به تسڪين ڏني هئم. 'اسين ٻيائيءَ مان جاڻون ڪونه. تفاوت ۽ ويڇا توهان رکي جاڻو جو توهان کن ٻين

مسئلن ۾ ورتل آهيو. اسين هرهڪ کي هڪ ساڳيءَ نظر سان ڏسون. اِهو پڌي ڪاوڙ نہ ڪريو هردو شيتل رکو ۽ اسان واري وات اپنايو.'

ڳوٺ ۾ هڪ هنڌ چارپنج شاهوڪار رهندا هئا. هي اتفاق سان مشهور بہ ڏاڍا هئا. هنن کي پڌايو ويو تہ هڪ بيروزگار ماڻهو شعر بہ چوي ٿو، هر هفتي ليک بہ لکي ٿو. وري ڪن کي اُهي وڻن بہ ٿا. هيڏن وڏن ماڻهن جي دلين کي جهوٽا آيا. چوائي موڪليائون 'ڳوٺ مان شايع ٿيندڙ هڪ مظلوم ٻوليءَ جي اخبار ۾ چارسٽون لکي، تو خود کي ڇا ڄاتو آهي؟ اَسين سِڌِ ڪنداسين تہ تون اڻ ڄاڻو، اَگياني، ڪنهن بہ فن کان بي خبر ماڻهو آهين.' مون هنن کي ڪوبہ جواب نہ ٿي ڏنو. ڪا ورندي نہ، موٽ نہ. وڏا وڏا ماڻهو، جنهن کي ور ور ڪري 'ناڪامياب' سڏيندا آهن، وڏو ماڻهو اُهو ئي هوندو آهي.

مون سنجها ويلي چار پائر ڪنا ڪري، جيڪي ڪجهہ من وندرائڻ لاءِ ڳالهايو ٿي، جنهن ۾ بعضي 'خالص ساهتيہ' کي پڻ زير - بحث ٿي آندُم، تنهن کي ڪن پائرن اوچتو ئي اوچتو پروچن ڪري ڄاتو. هنن ڳوٺ جي وڏيڪ پائرن ۽ ساڻ ساڻ پينرن کي بہ ڄاڻايو. پوءِ اٽڪل ويهہ کن پائر ۽ پينرون روز سنجها ٽائي منهنجي ننڍڙي مڪان ٻاهر اَچي ٿي وينا. هنن چيو ٿي 'تون ڪهڙو 'وشيہ' ڪٽين ٿو، اُن سان واسطو ناهي. نہ ڪا اسان کي ٽپٽي ڪرٽي آهي. توڪان اسان اِهو بہ سکيا آهيون تہ جڳ ۾ 'صحيح' ۽ 'غلط' ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو آهي. تون رڳو روز ڳالهاءِ پنهنجا وچن اُچار. اَسان کي رڳو پڌڻو آهي.' مون پڇرين تہ هنن کي خوب سمجهايو تہ 'منهنجو ڳالهايو رڳو 'ساهتيہ' سان آهي. توهان منهنجن تبصرن ۾ 'پيو' ڇا ڳولهي لڌو آهي.' پر پوءِ مون سوچيو تہ خالص ساهتيہ جي اُپٽارڪن کي پي بہ ڪا سرسبز ۽ آنند دائڪ وات سُجهائي ٿي تہ اِن ۾ آخر بُرو ڇا آهي؟ اِها تہ هڪ سُٺي ڳالهہ آهي.

منهنجا وچن منهنجا ٻول ٻڌڻ لاءِ جيڪي آيا ٿي، تن ۾ هڪ بيحد سباجهي بيحد شيرين زبان، بيحد مهذب بيحد سندر هئي. ڏاڍو هن ۾ شيوا ڀاءُ هئو. مان سچو هن جو ٿي چڪو هئس. جيسين تائين جڳ جو سوال هئو، مون پنهنجين سپائن ۾ بينڪن ۾ صاف صاف چيو هو 'مون کي ٻڌي

توهين خوش آهيو، تہ مان بہ خوش آهيان.‘ ’پر مان ڪو درويش يا سنت فقير ناهيان. ڪيڏي مهل بہ هيءُ آستان ڇڏي، ٻئي پاسي هليو وڃان. پئسي جي کوٽ مون کي آسڻ ڄمائي وهڻ تي مجبور ڪيو آهي. مون برابر ڏهہ سال هڪ بہ رپئي جي فائدي کان سواءِ لکيو آهي ۽ ڳالهايو آهي.‘

مان جنهن کي ڏسندي ڇا مان ڇا بڻجي پيو هئس، اُن سان حال -دل اورڻ لازمي هو. مان ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ تيار هئس. مڪان ڇڏڻ لاءِ تيار هئس. ڇا هوءَ هڪ خانابدوش شاعر کي اپنائيندي؟ ڇا هوءَ اُنهن مان هوُندي جيڪي پئسي کي رڳو ڪي ضروري چيزون خريد ڪرڻ جو ساڌن مڃيندا آهن. اُن کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ.

هڪ ڏينهن مون پنهنجي هڪ پوئلڳ کي هدايت ڏني تہ ’پنجن منٽن لاءِ هن کي چئہ، مون سان اَچي گڏجي. سنجها کان پهرين. سنجها واري بينڪ ۾ جام ماڻهو تا هجن.‘ جڏهن هوءَ عين وقت تي اَچي پهتي مون کي لڳو تہ منهنجي شاعري، جيڪا چند محرومين جي نچوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪانهي، هاڻ ڪر موڙي اُٿي بيهندي ۽ ڪجهہ عظيم رچيندي. اسان ٻنهي ڪجهہ اجا ڳالهايو ڪونہ هئو. بينڪن ۾ بہ هن رڳو مون کي ٻڌو هو. هيئنر بہ هوءَ مون کي ٻڌڻ لاءِ ڪن سرلا ڪري بيٺي هئي. مون کي پڪ هئي تہ هن کي پڪ هئي تہ مان ڇا چوڻ وارو آهيان.

اَڃا وات کوليو ڪونہ هئم جو منهنجا ٽي پوئلڳ منهنجي مڪان ۾ گهڙي آيا. اصل ڏوُڪيندا. سهڪن جو سهڪن ساهُہ هيٺ مٿي. ڳالهائڻ جي حالت ۾ بہ ڪونہ هئا. هنن پريا ڏهہ سال منهنجو ساٿ ڏنو هو. ڪنهن بہ سوارٿ کان سواءِ. مون کي هر تڪليف کان هنن دور رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر اڄ هنن جي اکين ۾ مون کي بيوسي نظر آئي. هنن مان هڪ چٺي ڇيو ’پرواري ڳوٺ مان هڪ وڏي وَس واري، رسوُخ واري، بيحد شاهوُڪار مائي، اسان جي ڳوٺ ۾ اَچي ديرو ڄمايو آهي. چوي ٿي اِن مشهور ليکڪ جو [توهان جو نالو] ٻڌي آئي آهيان. هن آديش جاري ڪيو آهي تہ ليکڪ جي بينڪ تہ هاڻي بہ ٿيندي پر اڄ کان پوءِ اُن ۾ شرڪت رڳو هڪ چٺي ڪندي. معنيٰ مان. جڏهن

ٻه هي ڳالهائيندو، ٻڌڻ واري رڳي مان هئڻ کپان. ڳوٺ جو ڪوبه پاءُ، ڪابه پيڻ، هن ليکڪ جي مڪان جي آس پاس به نظر آيا ته هنن کي مارائي ڇڏيندس. هاڻي هي پروچن ڪندو منهنجي لاءِ، صرف منهنجي لاءِ ......' منهنجي ٻئي پوئلڳ چيو 'سائين هوءَ اِهو سڀ ڪرائي سگهي ٿي. وڏي پهچ واري، وڏي پئسي واري مائي آهي.'

موُن اُن ڏانهن نهاريو جنهن سان موُن پيار ٿي ڪيو. هوءَ ڪنڌ جهڪائي بيٺي رهي هئي. سڀ ڪجهه چپ چاپ ٻڌائين ٿي. هينئر هن مون ڏي نهاريو. مون ڏٺو هوءَ هيسجي چُڪي هئي. سونهن تي ڊپ حاوي پئجي ويو هو.

'جدت' منهنجي ذهن تان ميسارجي ويئي. 'روُمانيت' منهنجي من مان پَرَ ڪري اڏامي ويئي. مون کي اوچتو ياد آيو ته مان هڪ 'ترقي پسند' شاعر آهيان.

**B-33, Aaram Co-op Hsg. Society,**
**Vakola,**
**Santacruz (E) Mumbai - 400 0555**

## 'رچنا' پاران 'ڪهاڻي چٽاڀيٽي

اَديب دوست سندر منگهناڻيءَ جي سهڪار سان، سنڌي ليکڪ شيام سچانندانيءَ جي معرفت هڪ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو آيوجن ڪيو ويو آهي. پهريون انعام پنڌرهن سو روپيا، ٻيون انعام هڪ هزار روپيا، ٽيون انعام پنج سؤ روپيا ۽ ٻه آٿتي انعام اڍائي سؤ روپيا.

ڪهاڻي اڻڇپيل پني جي هڪ پاسي لکيل هجي ۽ سنڌالاجيءَ جي ائڊريس تي 31 **ڊسمبر** 2014 تائين پهچڻ گهرجي. مقرر ڪيل ججن جي گڏيل فيصلي سان انعام ڏيڻ ۾ ايندا. انعامي ڪهاڻيون 'رچنا' ۾ شايع ڪيون وينديون.

**سمپادڪ 'رچنا'**



کهاڻِي / مايا راهي

# ’ٻا‘ (ماءُ)

هن ٽالهيءَ کي ٽُڏو ڏيئي پلنگ تان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو ۽ واڪو ڪري چيائين ’مان هيءُ ڪاڏو نہ ڪائيندس.‘ ٽالهيءَ جي ڪرڻ سان ڪٽوريون اونڌيون ٿي ويون، انُهن ۾ پيل دال ڀاڄي زمين تي پکڙجي ويئي. وڏي ڏيءَ دِويا عجب وچان، ننڍي ڏيءَ وديا غصي وچان ۽ آيل مهمان استريون حيرت وچان ڏسنديون رهيون.

هنن ڇئن ديوين جو هڪ گروپ آهي، سنڌڻ موهني، مرهٽڻ سروج، بنگالڻ سُشما ۽ گجراتڻ دِويا. هر مهيني هڪ ڇٽيءَ جي گهر گڏجاڻي ٿيندي آهي. ڇئن مان ٽي گهر جا ڀيرا ڇڏي، موج مستي ڪرڻ لاءِ چوٿينءَ جي گهر ملنديون آهن. ڪائي پي، رانديون رونديون ڪري، ٿڪ ٽپا ڏيئي، واپس ڀيرن ۾ بند ٿيڻ لاءِ هلي وينديون آهن. جيتوڻيڪ جڏهن گروپ ۾ گڏجنديون آهن تہ ڪير بہ پنهنجو چولو کڻي پيٽ نہ ڏيکارينديو آهي، پر سيني کي ڄاڻ هئي هڪ ٻئي جي ڏک سک، گلن ۽ ڪنڊن جي، ڪنهن کان ڪنهنجو پيٽ ڳجهو نہ هو.

عمر ۾ بہ ٻن ڇئن سالن جو فرق ضرور هو. موهني سيني کان وڏي، انُ کان پوءِ سشما، سروج ۽ دِويا. سيئي انُ سلائي ڪلاس جون ٽرينرس آهن، جنهن جي مالڪياڻي سروج ۽ اِنچارج موهني آهي. گهر جي قيد مان نڪري، ڪلاس جو ڊسيپلين سنڀالي، ٻاهر آزاد پکي، جڻ تہ اڏُامڻ لاءِ آتيون.

’بک لڳي آهي، ڪاڏو ڏي.‘ ٻاپوءَ زور سان رڙ ڪئي.
دِويا ويچاري تي ساهيڙين ڏانهن نهاريو.
۽ سندس اَکين مان جهر جهر ڪري ڳوڙها وهڻ لڳا.
’مان ٻيو ڪاڏو نہ ناهيندس چوندي وديا ڪاوڙ وچان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي.

دويا جا ڳوڙها، موهنيءَ کي ياد ڏياري ويا اُن صبوح جي جڏهن هن جو پهريون پيرو ڏيان دِويا ڏانهن ويو هو. اُن ڏينهن دويا ڪافي دير سان ڪلاس ۾ آئي هئي. موهنيءَ جي ڪئبن ۾ مسٽر سائين ڪرڻ ويئي تہ موهنيءَ کي عجب لڳو اِهو ڏسي تہ هوءَ روئي رهي هئي ۽ رومال سان ڳوڙها سُڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

’چا ٿيو دويا؟ ٻاپو نيڪ آهي نہ؟‘ دِويا وٽ ٻاپوءَ کان سواءِ ڳالهائڻ لاءِ ڪوئي وشيہ نہ هوندو هو. سيني کي ڄاڻ هئي تہ هن جي ٻاپوءَ جي صحت خراب رهندي آهي ۽ هو ڏاڍو ڪِٽپٽيو آهي. دِويا ڪنڌ ڌوڻي ’ها‘ ۾ جواب ڏنو.

’تہ پوءِ روئين چو ٿي؟ ويهہ، ڊِڪُ پاٽي پيءُ، ٻڌاءِ تہ ڇا ٿيو‘. دِويا ويهي رهي پر پاڻيءَ ڊُڪ کان اِنڪار ڪيائين. ’ڇا ٿيو؟ ٻڌاءِ تہ سهين.‘

’هڪ بس ڪئنسل ٿي ويئي.‘ هن سڏڪندي ٻڌايو.

’ها، تہ پوءِ؟‘ ’ٻيءَ بس ۾ ڏاڍي رش هئي ....‘ مان بيٺي هئس، مرد چئني پاسي .... هڪ ماچياٽيءَ ڏنو .... هوءَ اُٿي بيٺي، پنهنجي جاءِ مون کي ڏيئي چيائين ’تون ويهہ ڏسان ڪهڙو ما ...... مونکي هٿ ٿو لائي.‘

ڳالهہ ٻُڌي موهني وائڙي ٿي ويئي، ’اَڙي، پر هن تہ سٺو ڪيو نہ جو توکي ويهڻ جي جاءِ ڏنائين، تہ پوءِ تون روئين چو ٿي؟

’مون کي وشواس نٿو اَچي تہ هڪ پل لاءِ بہ ڪنهن کي منهنجو خيال ٿيو. پِڳوان منهنجي نصيب ۾ اِهوسک ڪيئن لکيو؟‘

موهني نهاريندي رهي اُن استريءَ کي جا ڏُک ۾ سدائين روئندي آهي پر ننڍڙو سُک، ننڍڙي خوشي بہ هن جي اکين جا بند ٽِچي ٻوڏ آڻي سگهندي آهي.

’بريڊ بٽر جئم ۽ ڪيرڪٽي ڊينس نہ‘ سشما جو سُجھاءُ. ’شگر اٿس.‘
’اُپما ناهي ڊينس‘ سروج جو ويچار ’ڪوليسٽرال آهي. تيل گيھہ جي منهن ٿيل آهي.‘
’ڇا ٻيو ڪاڏو، هنجو بچيل ناهي؟‘
موهنيءَ جو سوال.
’نہ ايترو ٿورو ناهيندا آهيون جو هڪ ويلي تي پورو ٿي وڃي.‘ رڳيل ڪاڏو نہ کائيندو آهي.
’اَسان لاءِ جو ڪاڏو ناهيو هيئہ، اُن مان آهي ڪجھہ باقي.‘
’بک لڳي آهي، ڪاڏو ڪپي.‘ ٻاپوءَ وري چاليو.
ڊِويا، ٿالهي ڪٽوريون ڪٽي فرش اُڪِهيو. موهني سمجھي ويئي تہ ٻاپوءَ جو ڪمرو رندڻي جي سامهون آهي. هن ڪي خاص مهمانن لاءِ نهيل ڪاڏي جي خوشبوءِ آئي هوندي. سو پنهنجو روز وارو ڪِريءَ جو ڪاڏو ڇو کائيندو؟
’ٻاپو، ڇا ڪائيندا؟
’ٿيپلو ڪپي‘ (ميٿيءَ جو مصالحي وارو ڦلڪو) ٻاپوءَ چپن تي جڀ ڦيري. عمر جي مجبوري، ڪاڏل سواد جي ياد ۽ بيمارين جو گهيرو، موهنيءَ جي من جي عجيب حالت هئي. ’دِويا، ميٿيءَ جو ڦلڪو آهي؟‘
’ها، آهي تہ پر بلڊ پريشر اٿس. ڊاڪٽر لوڻ بند ڪيو آهي، شگر اٿس، کنڊ بہ بند آهي.‘
’تہ پوءِ بنا کنڊ، لوڻ، تيل، مرچ مصالحي جي تون ٻاپوءَ کي ڇا کارائيندي آهين؟‘
’بس، جيڪو ڊاڪٽر چوندا آهن‘ دِويا جي اکين جو پاڻي اَڃا نہ سُڪو هو.
موهنيءَ کي ڄاڻ هئي دِويا جو هڪ وڏو ڀاءُ آهي، ٻيءَ ذات جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري جدا گهر وسائي وينو آهي. هڪ وڏي ڀيڻ ويجھو رهندي آهي، نوڪري ڪندي آهي. صبوح جو ٻيبي ڇڏي ويندي آهي ۽ شام جو وٺي ويندي آهي. ٻنهي ڀينرن شادي نہ ڪئي آهي. ٻار ۽ ٻڍي جي سيوا ۾

ٽي ڏينهن گذري ويندو اٿن. ڊِويا، بيمار ماءُ جي سيوا ڪري ۽ ننڍي الائي ڇو. ڊويا، سنهي سُپڪري ٽي. بي. پيشنٽ جهڙي ۽ ننڍي جوان سُڊول سندر ڊويا اَڌ ڏينهن ڪلاس ۾ ايندي آهي ته ٻيڻ پيءُ سنڀاليندي آهي ۽ ڊِويا جي موٽڻ تي هن جي ڊيوٽي ختم! جينوٽيڪ ٻاپوءَ جو ڊويا ۾ وڏيڪ وشواس آهي، وس پڄندي هو ڊويا کان پاڻيءَ جو گلاس به نه وٺندو آهي. ’بک لڳي آهي، ڪاڏو ڏي.‘ هن ڀيري ٻاپوءَ جو آواز وڏيڪ جوشيلو هو.

’ڊويا، تون ڦلڪو ته ڪٽي اچ.‘

’پر ڊينچر پڇي پيا اٿس، ڪائيندو ڪيئن؟‘

ڊِويا رنڌڻي ۾ ويئي ’هڪ ڪٽوري به ڪٽي اچ.‘ موهنيءَ پنيان آواز ڏنس.

ڊِويا ڪٽوري ۽ ٽيپلو پليٽ ۾ ڪٽي آئي.

’ٻاپو ٽيپلو ڇا سان ڪائيندا؟‘ موهنيءَ پڇيو.

’آچار، انب جي آچارسان‘ ٻاپوءَ خوشيءَ وچان ڪنڌ لوڏيندي چيو سندس اکين ۾ ڪا چمڪ هئي! ڏسي موهني پنهنجي ٽي من جو ڀاو سمجهي نه سگهي. ٻاپوءَ کي ڏسندي رهي ۽ ڪجهه به سوچي نه سگهي. ’هاڻ ڊِويا ڪٽوريءَ ۾ ٽيپلو ڀوري وجهه.

’مون کي ٽريل پاپڙ به کپي.‘

’نه ٻاپو ٽريل نه، پڪل پاپڙ ملندو.‘ موهنيءَ چيو.

’هاڻ اِن ڀورڻ ذري انب جي مصالحي جي وجهه.‘

ڊِويا عجب وچان موهنيءَ ڏانهن نهاريو.

’وجهه نه يار. ڪجهه نه ٿيندو ٻاپوءَ کي. گئرنٽي آهي منهنجي.‘

’پڪل پاپڙ جو به چوٿو ڀوري رک. جدا ڪٽوريءَ ۾. ڊاڪٽر ڪِري ڪرڻ لاءِ ٿا چون ته هڪ ٽي شئه گهٽي، هڪ وقت ۽ روز روز نه ڪائو جو سرير لاءِ نقصانڪار آهي پر ذري ذري ڪڏهن ڪڏهن ڪائڻ ۾ ڪوئي هرج ناهي. هونءَ به گهڻ ڪڏهن نه ڪجي.‘ ڪا به شئه هميشه لاءِ بند نه ڪجي ’هاڻ هيءُ ٻاپو ڪائيندو ڪيئن؟‘

’لِڪئڊ ۾ تون ڇا ڏيندين آهينس‘

’سوپ پاڇين جو. ٿورو آهي.‘

’ها تہ هاڻ هيئن ڪر ٿورو سوپ ٽيپلي واري ڪٽوريءَ ۾ وجهي، مکسيءَ ۾ گهمائي وٺ ۽ پاپڙ ۾ هڪ ننڍو ڇمچو پاڻيءَ جو وجهي، مکسيءَ ۾ ڦيرائي ڪڍ.‘

’ٻيو ڀي ڪپي‘. ٻاپوءَ ڇشڪا وٺي جنهن مزي سان ڪاڏو سو ڏسڻ وٽان هو.

’ڪمري ۾ وٺي هل. ننڍ ٿي اَچي.‘

وديا ڊِويا کي سڏ ڪيو. ٻئي ڀينر ڀيءُ کي ٻنهي پاسي سپورٽ ڏيئي ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ لڳيون.

’ڊِويا واڪرچو نٿي وٺي ڏينس ٻاپوءَ کي. پاڻ ئي پيو هلندو چلندو‘. سشما صلاح ڏني.

موهنيءَ بہ هڪ ڀيري ڊِويا کي اِها ڳالهہ چئي هئي ’ٻاپو انڪار ٿو ڪري. چوي ٿو واڪر تي هلندس تہ توهان منهنجو خيال نہ رکنديون. مون کي هٿ کان وٺي نہ هلنديون.‘

ڪمري ڏانهن ويندي ٻاپو هڪ پل لاءِ رُڪيو، ڪنڌ ڦيري موهنيءَ ڏانهن نهاري چيائين

’آ ماري ٻا ڇي.‘ (هيءَ منهنجي ماءُ آهي)

’ٻا‘ موهنيءَ هن ٻڍڙي پُٽ ڏانهن پيار سان نهاري مرڪيو.

**A1/601, Happy Valley**
**Manpada, Thane (W) 400610**





کھاڻي / بنسي خوبچنداڻي

# بڪيٽ لسٽ (Bucket-List)

ها 37 سال ڪيئن پورا ٿي ويا، خبر ئي نہ پيئي. خبر ڪيئن نہ پيئي؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ آفيس ۾ ايڏو ٽينشن ٿيندو هو جو هڪ ڏينهن بہ هڪ سال وانگر لڳندو هو. ڪيترا ڀيرا تہ ڀڄي وڃڻ تي دل ٿيندي هئي. پر ڀڄبو ڪيڏانهن؟ زال، ماءُ ۽ ٻن ٻارن کي ڪير پاليندو؟ جينا يهان، مرنا يهان، تيري سوا جانا ڪهان. راجڪپور جي جوڪر جي ڪردار وانگر هي 37 سال گذاريا آهن. هاڻي پهرين جولاءِ تي رٽائر ڪندس تہ هيءَ جوڪر جي ڊريس، جوڪر جي ٻولي ۽ جوڪر جو مشڪندڙ چهرو لاهي ڦٽو ڪندس ۽ اِنسان بڻجي پاڻکي خوش ڪندس.

رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پينشن بہ ملندي ۽ 30 لک کن ٽرمينل بينيفٽس Terminal Benefits بہ ملندا. 'ڦرجمع هوگي' ضرور هوگي.

اَڄ لنچ روم ۾ پاسي واري سيڪشن جو اِنچارج ڪشوريائي مهتا ڏاڍو خوش پئي لڳو. پڇڻ تي ٻڌايائين، 'ديال ڀائي، مون ڪالهہ هڪ مست فلم ڏٺي آهي. فلم جو نالو آهي Bucket-List. تون بہ هيءَ فلم ضرور ڏسج. تنهنجي ڪم جي فلم آهي.

مون ڪانئس پڇيو تہ اِهو وري ڪهڙو نالو؟ Bucket-List، تہ ٺهڪ ڏيئي چيائين، 'ديال ڀائي، توکي Bucket جي خبر ڪونهي؟ بڪيٽ معني اُهو باڪس جنهن ۾ مُردن کي دفنائڻ لاءِ وٺي ويندا آهن. توکي ۽ مونکي بہ ضرور وٺي ويندا!'

'پر ڪشوريائي، تون ۽ مان تہ هندو آهيون. اسانکي وري بڪيٽ ۾ ڪيئن

وٺي ويندا؟ اسانکي تہ ڳلن سان ڪائيءَ تي سجائي ’رام نام سنگ هي، گرو بابو سنگ هي، ستنام سنگ هي‘ چوندا مساڻ ڏانهن وٺي ويندا نہ !‘

اِهو ٻڌي ڪشورپائيءَ هڪ منٽ لاءِ لنچ ٽيبل تي لُڙڪي ويو ۽ مرڻ جو ناٽڪ ڪيائين. پوءِ وري ٺهڪ ڏيندي چيائين، ’ديال ڀائي، مرڻ کان پوءِ، اسانکي قبرستان ڏانهن وٺي وڃن يا مساڻ ڏانهن؛ ڪهڙو ٺو فرق پوي؟ مٽي ماٽيءَ لاءِ ڪائي بہ ساڳي تہ بڪيٽ بہ ساڳي!‘

ڪشورپائي اٿين ٺهڪن جا تيرهلائي، سچ کي ڦهڪائيندو آهي. مون کيس چيو، ’يار اِها ڳالهہ تہ سچي آهي پر اِهو تہ ٻڌاءِ تہ اِها بڪيٽ لسٽ ڇا آهي؟‘

ڪشورپائي مونکي ترسڻ لاءِ چئي هٿ منهن ڌوئڻ هليو ويو. واپس آيو تہ سندس سيڪشن جو هڪ ڪلارڪ کيس اِهو چئي وٺي ويو تہ کيس وڏو صاحب ياد ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي جڳياسا اٿين ئي رهجي ويئي. وري سوچيم، اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. رات جو Movie Times جي دُڪان تان فلم جي DVD گهرائي فلم ڏسندس ۽ پرولي سُلجهائيندس.

ماني کائي Bucket-List فلم ڏسي رهيو آهيان. هيءَ ٻن اڻڄاڻ شخصن جي ڪهاڻي آهي جي ٻئي هڪ ٻئي کان اُبتڙ آهن. هڪ تمام شاهوڪار گورو آهي تہ ٻيو تمام غريب ڪارو مڪئنڪ . گوري چار شاديون ڪري ڇڏني کي طلاق ڏنو آهي ۽ هاڻي ٻڍاپي ۾ بہ عيش پيو ڪري. ٻيءَ اُتُس جنهن سان هن جو رستو ڪونهي جو هن پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي آهي. ڪارو مڪئنڪ بہ ٻڍو آهي پر پنهنجي زال، ٻارن ۽ اُنهن جي ٻارن سان خوش آهي.

پر ٻنهي ۾ هڪ ڳالهہ ساڳي آهي جنهن ڪين هڪ ٻئي سان ملايو آهي. ٻنهي کي ڪئنسر جي بيماري آهي ۽ هو ٻئي هڪ ڪئنسر اِسپتال ۾ هڪ ٻئي جي پرسان وارن بيڊس تي علاج ڪرائي رهيا آهن. گوري شاهوڪار جو ڪردار نڀايو آهي هاليوڊ جي ٻيجوڙ اداڪار Jack Nicholson ۽ غريب مڪئنڪ جو پارٽ نڀايو آهي مشهور اداڪار Morgan Frecmen.

شروعاتي جهڳڙن کان پوءِ ٻئي مريض دوست ٿي ويا آهن. هڪ ڏينهن Morgan هڪ پني تي ڪجهہ لکي رهيو آهي، جنهن جي ٽاپ تي لکيل

Bucket-List آهي. اُن لسٽ ۾ ڪيئي اِسم آهن، جئن تہ ڪنهن اَڻڄاڻ ماڻهوءَ کي خوشي ڏيڻ، وشو سندريءَ کي چُمي ڏيڻ، ايترا ٺهڪ ڏيڻ جو پيٽ ۾ سُور پئجي وڃي، دنيا جا ست عجائب ڏسڻ، وغيره. Morgan پنهنجي شاهوڪار دوست کي ٻڌائي ٿو تہ هو اِها لسٽ ناهي بس ٽائيم پاس ڪري رهيو آهي. اُن لسٽ ۾ اُهي ڳالهيون آهن. پر هو مرڻ کان اڳ ڪرڻ ٿو چاهي، يعني بڪيٽ ۾ بند ٿيڻ کان اڳ! هو اِهو بہ چوي ٿو تہ کيس خبر آهي تہ هو غريب آهي ۽ اِهي اِڇائون پوريون ٿيڻ جون ناهن.

Jack اِها Bucket-List وٺي پنهنجون بہ اِڇائون اُن ۾ جوڙي ٿو ڇڏي ۽ Morgan کي چوي ٿو، اَسان ٻنهي کي تہ جلد ئي مرڻو آهي، پوءِ ڇو نہ پنهنجون اِڇائون پوريون ڪري مرون. تو وٽ پيسو ڪونهي پر مون وٽ تہ جام پيسو آهي پر مان اَڪيلو آهيان. مونکي ساٿ ڏي تہ گڏجي هن Bucket-List جون اِڇائون پوريون ڪيون.'

پهرين تہ Morgan اِها ڳالهہ نٿو مڃي جو هو ڪنهنجو ٿورو کڻڻ نٿو چاهي پر پوءِ زور بار ڪرڻ تي مڃي ٿو وڃي ۽ هڪ پرائيويٽ جيٽ ۾ ٻئي پنهنجون اِڇائون پوريون ڪرڻ لاءِ نڪري ٿا پون. هو Sky Diving ڪن ٿا تہ ڪار ريسنگ بہ ڪن ٿا، تاج محل بہ ڏسن ٿا تہ چائينا جي گريٽ وال (China's great wall) بہ ڏسن ٿا، مصر جا پرامڊ ڏسن ٿا تہ برف جي چوٽيءَ تي بہ رهن ٿا تہ هانگ ڪانگ جو سئر بہ ٿا ڪن. Jack پنهنجي ٻانهن تي هڪ ٽئٽو (Tatoo) لڳائي پنهنجي دل بہ پوري ٿو ڪري. جڏهن کيس خبر ٿي پوي تہ Morgan زندگيءَ پر پنهنجي زال سان وفادار رهيو آهي تہ هو کيس خوش ڪرڻ لاءِ هڪ Call Girl ٿو موڪلي. Morgan بہ پهرين تہ هرکجي ٿو وڃي پر پوءِ پنهنجي پيار ڪندڙ زال جي ياد تي اَچيس تہ سنيلجي ٿو وڃي. هوءَ ڇوڪري کيس چوي ٿي، 'Your wife is a lucky woman' تہ هو کيس چوي ٿو، 'No, I am a lucky man'.

Morgan جي زال Jack تي ڏاڍو ناراض آهي. هوءَ کيس فون ڪري چوي ٿي تہ مونکي منهنجو مڙس موٽائي ڏي. هو ڪئنسر ۾ مري وڃي تہ هوءَ

ڪجھ ڪري نٿي سگھي. پر هيئن جيئري ئي مونکان جدا ٿي وڃي تہ اُها ڳالھہ ڪيس منظور ڪانهي !

اِئين ٻئي ڄڻا پنهنجي Bucket-List کي اڌ ۾ ئي ڇڏي واپس ٿا اَچن. ٿوري وقت ۾ Morgan گذاري ٿو وڃي. پر مرڻ کان اڳ هو Jack کي پنهنجي وڇڙيل ڌيءَ سان ملائي ٿو وڃي. هو جئڪ کي مرڻ کان اڳ هڪ ڳالھہ چوي ٿو تہ هرڪو اڪيلو مرڻ کان ڊڄندو آهي، Every one is afraid to die alone. مرندو تہ سڀڪو. Jack بہ 81 سالن ۾ مري ٿو پر هو تڏهن اڪيلو ڪونهي!

مان V.C.R. بند ڪري هال ۾ اَچي ٿو ويهان ۽ ڪوشليا پنهنجا پروچن پڙهڻ ٿي لڳي. مان سوچ ۾ آهيان. منهنجون بہ تہ ڪيئي اِڇائون آهن. مان بہ ڇو نہ پنهنجي هڪ بڪيٽ لسٽ ٺاهيان. مان خرچ پکو لکڻ واري ڊائري ڳولهي، پنين پنن تي لسٽ ٺاهڻ ٿو لڳان :-

(۱) پهرين تہ هڪ اَڇي رنگ جي ڪار وٺندس ۽ پنهنجي ۽ ڪوشليا جي دل پوري ڪندس. ها، ڊرائيونگ بہ سکندس.

(۲) ڪوشيلا سان گڏ هردوار رشيڪيش ۽ چار ڌام جي ياترا ڪندس.

(۳) اَجيہ بئنگلور مان پڙهائي پوري ڪري ايندو تہ کيس هڪ سٺي موٽر سائيڪل وٺي ڏيندس.

(۴) پياري ڌيءَ سونيءَ کي هڪ هيري جي مُنڊي وٺي ڏيندس ۽ ڏوهٽيءَ کي هڪ سٺي سائيڪل بہ وٺي ڏيندس.

(۵) اَنڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽن جو سئر ڪندس.

(٦) مرڻ کان اَڳ هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور بہ ڏسڻو آهي.

(۷) اُن ڏينهن ڪشوريائيءَ چيو تہ 'Clothes make the man' سو مان بہ پاڻ لاءِ چار سٺيون ڊريسون ضرور وٺندس.

(۸) ننڍپڻ کان نائگرا فالس ڏسڻ جي تمنا آهي سو اميريڪا جو هڪ چڪر تہ هڻبو.

(۹) پنهنجي ڀارت جون بہ ڪيئي جڳهيون ڏسڻيون آهن، جئن جيسلمير جوڌپور بيڪانير ڪشمير اوٽي، دارجلنگ ۽ ڪوڊائيڪنال.

(۱۰) نيپال ڏنو آهي پر نيپال جي پوکرا ڀنڊ رهجي ويئي آهي. اُها ڀنڊ ۾ سنڌس پرسان واريون برفاني چوٽيون تہ ضرور ڏسندس.

اَڃا تہ ٻيون بہ ڪيتريون اڇائون لسٽ ۾ جوڙٽيون آهن. سومان ڊائريءَ جو پنو اُٿلايان ٿو تہ اُن پني تي اڳ لکيل هڪ فارمولا ٿو ڏسان :-

$$\frac{\text{Desires fulfilled}}{\text{Desires Entertained}}$$

هيءَ تہ منهنجي ئي لِکاوت آهي. هاڻي ياد آيو. ڪجهہ مهينا اڳ ڪوشليا جي چوڻ تي سنسڪار چئنل تي هڪ ساڌوءَ جو پروچن ٻڌي رهيو هوس تہ اِها ڳالهہ اُن ساڌوءَ پنهنجي پرسان رکيل بورڊ تي لکي سمجهائي هئي. هن سمجهائيندي چيو هو تہ جي اسانجون سڀ اِڇائون پوريون ٿين تہ اسانجي خوشي پورڻ آهي. پر اِها ڳالهہ ممڪن ڪونهي. هن وري بورڊ تي لکي اسانکي هڪ مثال ڏيئي سمجهايو آهي Example :-

$$\frac{\text{10 Desires fulfilled}}{\text{100 Desires Entertained}} = \frac{1}{10} \text{ or } 10\ \%$$

اِئين جي اَسان پنهنجون اِڇائون وڌائيندا ويندا سين ۾ اُهي پوريون نہ ٿينديون تہ اَسانجي خوشيءَ جي ماترا گهٽجندي ويندي. مونکي اُن وقت اِها فارمولا ڏاڍي وڻي هئي ۾ مان اڃ وانگر هال ۾ اَڃي پنهنجي ڊائريءَ جي پنئين پاسي لکي ڇڏي هئي.

مونکي پنهنجي Bucket-List ۾ اَڃا گهٽيون اِڇائون شامل ڪرڻيون آهن پر منهنجو هٿ اڳتي نٿو وڌي. منهنجون اکيون تہ خوشيءَ جي فارمولا کي تي ئي ٽڪيل آهن :-

$$\frac{\text{Desires fulfilled}}{\text{Desires Entertained}}$$

**B/603, Woodland,**
**Near Ashok Academy,**
**Lokhandwala Complex,**
**Andheri (W) Mumbai - 400053**

کھاڻي / جيا جادواڻي



# اَلا ڙِي اَلا

کٽي مٽکي مٽي تي گھوٽ ماءُ نچندي
گھوٽ ماءُ نچندي، گھوٽ ڀيڻ نچندي
گھوٽ ماسي نچندي، گھوٽ چاچي نچندي
کٽي مٽي تي گھوٽ ماءُ نچندي.

هيءُ پهريون نہ پنجون لاڏو هئو ..... جڏهن هريش اُداسيءَ کي محسوس ٿيو تہ ڊانس فلور تي بس گهر جا ڪجھہ ماڻهو ٿا ڏسجن ...... ٻيو ڪوبہ نٿو اُٿي تہ هن هيءُ لاڏو شروع ڪيو. هن لاڏي ۾ گھورپوڻ جون سنياوناٺون، هريش اُداسيءَ کي خبر آهي تہ، ڪيترين گھڻيون آهن.

لاڏو ٻڌندي ئي گھوٽ ماءُ مٽکي کنئي تہ چوطرف مائٽن سان ورائجي ويئي. هوءَ وچ ۾ ..... چوطرف زالون. هن گهڙيءَ لاءِ مٽکي خاص طور سجائي ويئي آهي. اُچا ماڻهو اُچا ڪپڙا، اُچا ڪاڏا پيتا، اُچي مٽکي تہ گهور بہ اُچي پوندي. خوشي نور بڻجي گھوٽ ماءُ جي چهري تي چلڪارا پيئي هڻي. .....
اڄ جيتري خوش هوءَ هن ڪان پهرين ڪڏهن بہ نہ هئي. اڄ تہ ڪيترين ڏکرين مٽي تي اُڏامي. سسُ نهڻ پنهنجيءَ سسُ کي چئلينج ڪرڻ بہ تہ آهي تہ تنهنجا ڏينهن هاڻي ختم ٿيا، منهنجا شروع. اڄ مان بہ هڪ نئون اَڌياءُ شروع ٿي ڪيان .... جنهن ۾ پنهنجي ڪهاڻي مان پاڻ لکنديس. غلط فهميون بہ ڏاڍيون سُهڻيون هونديون آهن..... ماڻهو ڪيترو بہ پرتي هلڻ لاءِ راضي ٿي ويندو آهي. هونءَ بہ جيون ٽڪر-ٽڪر ڪهاڻي ئي تہ آهي .... جيڪا عورت جي ڪورن پنن تي ٻيا لکندا آهن. عورت تہ جڏهن بہ پين کڻندي آهہ .... يا تہ نِبُ ڀڳل هوندي آهہ يا سياهي ختم ٿي ويندي آهہ. جنهن ڏينهن

صحيح پين هٿ ۾ اَڇي وينديس اُن ڏينهن ٻئي کي لکڻ ڏيندي ڇو؟

هاڻي تہ گروپ ڊانس شروع ٿي وئي آهي. سڀ عورتون اَڇي شامل ٿيون آهن. مٿڪي پئي ٿي ڦِري. مٿڏ پيا ٿا نوٽ گھورن. هريش اُداسيءَ کي هيءَ لاڏو لنبو ڪرڻو آهي، وڏ ۾ وڏ گهور اِن ۾ ڪپي.

سڄو منڊپ نسا نس ڀريل آهي. چار سو ماڻھو هوندا گھٽ ۾ گھٽ. شهر جي وڏي ماڻهوءَ جي پٽ جي شاديءَ جا لاڏا ..... ڪيرُ ڇڏيندو؟

هاڻي سنڌي گانا بہ کھڙا ڳائجن؟ جيڪي وقت جي قدم سان قدم ملائي نٿا هلن، اُهي تہ پُٺتي رهجي ٿا وڃن. هاڻي اگر هوُ ڳائي ......

’سائو سوٽ پائي، باٽا جو بوٽ پائي

تون ويندين، تون ويندين، لاڏل سسرال .‘

هاڻي نہ سائو سوٽ ٿو هلي، نہ باٽا جو بوٽ ٿو هلي. ساهرا بہ هاڻي شاديءَ کان پهرين ئي پنهنجا ٿا ٿي وڃن. يا اگر هو ڳائي -

’سکيون، سيجا گلن جي سجايو

لاڏو، لاڏي وني گهرِ آيو.‘

شاديءَ جا وڏ ۾ وڏ لاڏا گھوٽ راجا جي تعريف ڪندا آهن. هنن ۾ نچڻ جي گنجائش بہ گهٽ آهي.

شروع جي ٻن ٽن لاڏن سان جڏهن ماحول نہ پيو نهي تہ هُن جلد شروع ڪيو -

هيءَ گھوٽ ماءُ هوندڙي، اَلا ڙي اَلا

هيءَ گهرئي ٿي سيٽي، اَلا ڙي اَلا

هيءَ سيٽي ٻيٽي کانہ گهرئي ٿي، يارُ گهرئي ٿي ٽي. ٽي.

هيءَ ٽي. ٽيءَ جي جوءِ ٿئي ........ اَلا ڙي اَلا ......

تہ تاڙين ۽ کل جو ڦھڪارو پئجي ويو. ماڻهو مستيءَ ۾ تہ آيا پر ڊانس ۾ ڪا بہ وٿراٽي ڪانهي. اِن کان پوءِ هُن ’شهباز قلندرُ بہ ڳاتو ۽ ’پکيئڙا او پکيئڙا‘ بہ ڳاتو. معاملو ٿورو گرم تہ ٿيو پر ڊانس ساڳي ئي. گهور بہ ڪجهہ خاص نہ پيئي. هاڻي وري هن لاڏي ۾ چڱي گهور ملي ويندي. جيئن ئي لاڏو ختم ٿيو، گھوٽ پيءُ مٿڪي هريش اُداسيءَ جي حوالي ڪئي. هريش اُداسيءَ وڏي اُتساهہ سان ’او منهنجو جمالو جتن سان، هو جمالو‘ شروع ڪيو تہ سامهون وارين سيٽُن

تي وينل بہ اُٿي بينا ۽ ڏاڍي پيار سان نچڻ لڳا. ’سنڌ‘ لفظ ۾ ئي هڪ جادو آ .... جنهنجو اثر سٺ سالن بعد بہ گهٽيو ناهي، بلڪ وڌيو آهي. دليون پيار سان پرجي ٿيون وڃن نالو ٻڌندي ئي. پرينگ جنريشن تہ اَجا تائين اٿيئي نٿي. گهوٽ جا مٽ مائٽ بہ اَچي مڙيا آهن پر ڇوڪرا ڇوڪريون اَجا بہ ڊانس فلور کان پرتي ڪائڻ پيئڻ جي اسٽالن طرف وڌيڪ توجہ ڏيئي رهيا آهن. اِنڊين چاٽ، چائومن پاو ڀاجي، پڪوڙا، ڊوسا، جليبي ربڙي، ڪولڊ ڊرنڪس وغيره وغيره. ڪي ڪي تہ پرتي ڪان ڏسي ڪائي پي اُتان ئي هليا پيا وڃن. وهڻ جي زحمت ئي نہ پيا ڪٽن. ڇا اِهو ڪاڏو نہ هجي تہ ڪو ڪنهن وٽ اَچيئي ڪونہ.

هُن ’نار ماتا نار‘ بہ ڳايو پر مزو ڪونہ آيس. هريش اُداسي اُداس ٿيڻ لڳو. لڳ ڀڳ ڏهن ٻارهن سالن کان هو لاڏا پيو ٿو ڳائي. ٽيم اَٿس ڇهہ ماڻهن جي .... جيڪي پنهنجو ڌنڌو بہ ڪندا آهن، لاڏا بہ ڳائيندا آهن. نہ ملي تہ ڇهہ ڇهہ مهنا بہ بوڪنگ نہ ملندي آهي. ڪلا اگر پيٽ پريندي هجي ها تہ ڪلاڪار تي ايترا موچڙا ڇو پون ها گهر جا؟ جنهن ڳالهہ کي اَسين ٻئي ۾ ڏسي خوش ٿيندا آهيون .... اُهي ڳالهيون اَسانجا ٻارڪن تہ باهہ لڳي ويندي آهي. ڇا زندگيءَ اَسانکي ايترو وڌيڪ پرڪٽيڪل بڻائي ڇڏيو آهي جو هڪ سپني جو پيڇو ڪرڻ جي خواهش بہ جرم ٿي ويئي آهي، ماڻهو سويل ئي اُنجي پاڙ پٽي ٿا ڇڏن.

وڏن ماڻهن تہ لاڏا ڪرائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيا آهن. هي سڀ مڊل ۽ لوئر ڪلاس جو شغل رهجي ويو آهي. پهرين لاڏن واريون مايون هونديون هيون .... پوءِ نئين زماني ۾ منڊپ بہ سامهون آيا، جيڪي ميوزڪ سسٽم بہ وڄائي سگهن. زالون هٿ بہ پُٽتي رهجي ويون.

ايتري ۾ ڪوئي گهوٽ راجا کي ڊانس فلور تي وٺي ٿو اَچي. اُچي شيرواني، پيرن ۾ شاندار جُتي، هٿ ۾ ميندي لڳل ..... گهوٽ راجا سيني جي وچ ۾ ٿو نچي، پر اَنمني من سان، هڪجهڙو. اُداسي سمجهي ويو، هاڻي ڪيس ڳائڻ بند ڪرڻو پوندي ۽ سي. ڊي. وڄائڻي پوندس.

هُن اعلان ڪيو تہ هاڻي هندي گيتن تي گهر جي ڀاتين جيڪي ڊانسون تيار ڪيون آهن، اُهي پيش ڪيون وينديون. بس تاڙين جا ڦهڪار پئجي ويا .....

ينگ جنريشن سامهون اَچي ويئي. سيني کان پهرين گهوٽ جو ستين سالين جو پائٽيو سامهون آيو. ڊانس فلور تي ۽ سي. ڊي. وڄڻ لڳي.

’چار بوتل ووڊڪا، ڪام ميرا روز ڪا،

نہ مجهکو ڪوئي روڪي، نہ ڪِسي ني روڪا.

ايتري تہ سُني ڊانس ڪيائين جو خود اُداسي بہ حيرت ۾ پئجي ويو. ماءُ - پيءُ، مِٽ مائٽ گهور پيا گهورِن.

ڏيري ڏيري عمر وڌائيندا ويا ۽ پار ايندا ويا. ڇوڪريون آيون ويهين سالين تائين.

’راڌا تيري چُنري، راڌا تيرا چلا

راڌا تيري نٽکٽ نظريا ري .....‘

ماڻهو چؤطرف اَچي بيهي رهيا، تاڙيون ۽ سيٽيون وڄڻ لڳيون. ٿوري اَچا وڏيڪ عمر جون ڇوڪريون آيون .....

يي دنيا پتل دي، يي دُنيا پتل دي.‘

هڪُ سهڻو ڇوڪرو آيو فلور تي

’سُنو نا سنگمرمر ڪي يي ديوارين

ڪُڇ يي نهين هئہ آگي تُمهاري.‘

هِڪُ پيو نوجوان بہ آيو.

’پاڻي دا رنگ ويک ڪي .....‘

ڪمال آ .... پائي ..... ڪمال آ ..... ميوزڪ مٿي هر قسم جي ڊانس هنن گيتن تي ڪري سگهبي آهي. ڪنهنجو منهن، ڪنهنجو پُڇ. گهر جي زالن بہ ڪوريوگرافر جي مدد سان سُني تياري ڪئي هئي. پوري طرح ’بيوٽي پارلر‘ مان تيار ٿيل، گهڻ گهڻن سان پريل - تُريل نچندي ڏاڍيون سنيون ٿيون لڳن. هنن جي جيون ۾ اَهڙا موقعا ڪيترا گهٽ ايندا آهن. اُداسي سندن سجاوٽ ڏسندو آهي تہ ڪنهن ڪنهن مهل ڪِل اَچي ويندي اٿس. هوندو ڇا آهي هنن وٽ جنهن ڪي هو ايمانداريءَ سان پنهنجو ڇئي سگهن. هٿ سندن، ميندي ڪنهن ٻئي جي نالي جي، سينڌ ۾ سِنڌور بہ ٻئي جي نالي جو، ڳلي ۾ منگل سوتر بہ ٻئي جو. ’سدا سهاڳڻ هُجُ‘ اِها آسيس بہ ڪنهن ٻئي جي لاءِ. در تي

نيمپليٽ بہ ٻئي جي، ٻئي جو گهر ٻئي جي زمين، ٻئي جي ڪرپا. ڪُڪ سندس، پارٽي جو. وري بہ گهوٽ ماءُ ڪيتري خوش ڏسڻ ۾ ٿي اَچي. گهوٽ جا ٿي لاڏا ٿيندا آهن..... ڏيءَ جي وهانوَ ۾ ڪير ٿو ڪرائي؟ انُهن جي لاءِ لکيا ڪنهن آهن؟ هتي تہ چوندا.

'بابُل ڪي دُئائين ليتي جا، جا تُجهڪو سُکي سنسار ملي.' اتُي سُک هوندس تہ واپس نہ ايندي.

خير، زالن ۽ ٻارن جي ڊانس ڏسي ڪيس هميشه لڳندو آهي، اَهڙا گيت سنڌيءَ ۾ بہ هجن ها تہ اَسانکي ايتري محتاجي نہ هجي ها. ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي، پنهنجي ٻولي بہ ڪيترا پيرا پرائي لڳندي آهي. انگريزيءَ ۾ 'آءِ لوَ يو' سياويڪ لڳندو آهي، هنديءَ ۾ اَسياويڪ پر سهڻ جهڙو پر اَگر ڪو سنڌيءَ ۾ چوي تہ سندس پارٽنر کي بہ کِل اَچي ويندي.

هيِ لاڏا بہ عام پبلڪ لاءِ آهن. اصلي پارٽي آهي سياٽي. فور اسٽار هوٽل ۾. ايوينٽ مئنيجر پروگرام ڪندو پنهنجيءَ ٽيم سان گڏ. قيمت ٽن ڪلاڪن جا بہ لک. سڀ هندي گانا. هزار روپيا پليٽ، ڪاڏي جو الڳ. پنج ڇهہ سو ماڻهو ويندا. هيڏانهن پيئي 'رنگ سيريمني' ٿيندي، هوڏانهن دارون پيو پيٽ جي نالين ۾ وهندو ۽ پيشاب رستي نڪرندو.

هُنکي هُنجي ٽيم چوندي آهي هاڻي هي لاڏا ٻاڏا ڇڏ هنديءَ ۾ اَچي وڃ. پر هوُ بہ پنهنجي دل هٿان مجبور آهي.

آخر هريش اُداسيءَ پنهنجو دڪان بند ڪيو ۽ پاسي ۾ وچي نوٽ ڳڻڻ لڳو. ڪيس محسوس ٿيو تہ جيتري گهور سنڌي لاڏن ۾ نہ ملي آهي، اُن کان ٻيڻي گهور هندي گانن ۾ ملي آهي.

فيس کان وڌيڪ گهور ڏسي هريش اُداسيءَ کي خوش ٿيڻ گهرجي ها پر هنکي لڳو، اندرڪا برف ٿي جمندي وڃي ڏيري .... ڏيري ..... . سمجهہ ۾ نہ آيس اُن کي پگهرائڻ لاءِ ڪهڙو لاڏو ڪم ايندو.

**B-136, VIP Estate,**
**Vidhan Sabha Marg,**
**Khamirdih - Raipur - 492001 (Chhateesgarh)**
**M : 9827 947 480**

كهاڻي / ڪومل ديالاڻي



# ڪاش ! ٻڌائي ڇڏيان ها ......

زندگيءَ جو مطلب ڇا هر روز مرڻ تِي تو سگهي؟ ها ! هِڪُ افسوس جيڪو هر روز توهان کي ڪاش چوڻ لاءِ مجبور ڪري ۽ ڪڏهن نہ ختم ٿيڻ واري درد جي سزا بڻجي توهان جو نصيب نهي وڃي. ڪم جي تناوَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پريشان ٿي ڇتو ٿي پوندو آهي.

مون مندر ۾ ڏيئو ٻاريو ۽ ڊوربيل جو آواز آيو. اَڃا تہ شام جا ست ئي لڳا هئا. درُ کوليمُ. نِتن هو. سندس ڪنڌُ هيٺ. ڪُرسيءَ تي بيجان ٿي ويهي رهيو. سندس ڳوڙهن ڀريل اَکيون ڄڻ تہ مونکان پُڇي رهيون هيون تہ مان ڇا ڪريان؟ مون نِتن جا هٿ سندس ڇهري تان هٽايا ۽ پنهنجا هٿ هُنجي ڇهري تي رکي ڳوڙها اُگهندي پُڇيومانس

’ڇا ٿيو آهي؟‘

’اَنو، منهنجو پروجيڪٽ رد ٿي ويو‘

۽ ائين چوندي هوُ زار زار روئڻ لڳو. ڪيڏي دير تائين ننڍي ٻار وانگر منهنجي گود ۾ پنهنجو سِرُ رکي ليٽيو رهيو.

پر ڪجهہ ٻڻي ڏيکارڻ جي ضد ۽ رِجيڪٽ ٿيڻ جي افسوس کيس شانت رهڻ نہ ڏنو. انجنير صاحب صبوح جو سوير اُٿي آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پاڻ کي مضبوط ڪندي هُن ڌيري ڌيري ٻئي پروجيڪٽ تي ڪمُ شروع ڪيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ کيس بمبئي وڃي سائيٽ انسپيڪشن ۽ ڪانٽريڪٽرن

سان پروجيڪٽ جي ڊيٽيلنگ تي ڪم ڪرڻو هو، سو نواب وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ بمبئيءَ جون بہ ٽڪيٽون بوڪ ڪرائي گلدستي سان گڏ مونکي پيش ڪيائين. مان تہ عجب ۾ پئجي ويس. شايد منهنجي جنم ڏينهن جي سالگرھہ کي وڏيڪ يادگار بڻائڻ لاءِ.

نِتن هن پروجيڪٽ تي دل سان ڪم ڪيو. برابر ڪڏهن ڪڏهن مونکي اِگنور ڪرڻو پوندو هوس، پر اِهو هُن جي بهترين سُپنن مان هڪ هو. اِن وچ ۾ لڳ ڀڳ هر هفتي نِتن کي بمبئيءَ وڃڻو پوندو هو. ڇهہ مهينا گذريا نِتن جي پروجيڪٽ جي تعريف سندس باس بہ ڪئي، جڏهن هو ڊنر تي اَسانجي گهر آيو.

’توهان ڇا ڪندا آهيو، مِسز اَنيتا؟‘

نِتن جواب ڏيندي چيو ’سر، اَنو منهنجو گهر ۽ مونکي سنڀاليندي آهي.‘

مون ڏانهن باس جون اَکيون ڪُجھہ عجيب ڍنگ سان ڏِسنديون رهيون.

هڪ ڏينهن تہ منجھند جو هو گهر بہ هليو آيو ۽ چوڻ لڳو ’نِتن تہ آفيس جي ڪم ۾ بزي آهي، هِڪ فائيل ڪٽڻو هو.‘

’توهان هتي ترسو، مان ڪڍي ٿي اَچان.‘

مان نِتن جي بئگ ڪڍي آيس. پر باس پنهنجي بَدِ نيت ڏيکاري ۽ ويجھو اَچي چيائين، ’اِهو پروجيڪٽ نِتن حاصل ڪري ٿو سگهي، اگر توهان چاهيو تہ. سڄو مدار توهان تي آهي.‘

هُن جا اَهڙا ٻُڇڙا اکر ٻڌي غصي ۾ چيومانس،

’هتان هليو وڃُ.‘

’توهان کي ڇا ٿو لڳي، مان ڪجھہ غلط ڳالهائي رهيو آهيان؟ نہ مسز اَنيتا، توهان جو مسٽر بيوقوف آهي، جيڪو اَهڙي سهڻي سُندر زال کي وقت ڏيڻ بدران پروجيڪٽ حاصل ڪرڻ لاءِ چريو ٿي پيو آهي. مان توهان کي ڪا بہ ڪمي نہ ٿيڻ ڏيندس. جيڪو چوندا، سو حاضر ٿي ويندو، ۽ ها .... نِتن جو فڪر نہ ڪيو. هُن کي ڪا بہ خبر نہ پوندي.‘

’ٻاهر نڪرو ته يا مان پوليس کي فون ڪريان؟‘ هو پُڇندي ٿيو ۽ مونکي ڌمڪي ڌنائين، ’نِتن جي بربادي مان شروع ڪندس. ۽ اِن لاءِ جوابدار تون هوندين۔‘

لڳ ڀڳ هفتي بعد نِتن کي ٻه ٻيا پروجيڪٽ مليا. مان ته حيران ٿي ويس. هيڏي مهرباني! آخر ڇو؟ منهنجي دل ۾ لڪل ڊپ مونکي آگاهه ڪندي اِها ڳالهه نِتن کي ٻڌائڻ لاءِ همٿايو. پر ٻئي پاسي اسانجي وشواس جي رشتي نِتن کي بنا ڪنهن پرواهه جي ڪم ڪرڻ جي آزادي پئي ڏيڻ چاهي. لڳم اگر اِهو صرف وهم هوندو ته نِتن جا سپنا وري ٽُٽي پوندا. پر مان بيوقوف اِئين سمجهي چُپ رهيس ته اِها ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ناهي جنهن لاءِ نِتن کي پريشان ڪريان ۽ هو غصي ۾ اَچي ڪو غلط قدم کڻي وهي. منهنجي چُپي منهنجو گناهه بڻجي ويئي. منهنجو ڊپ منهنجي درد کان وڌيڪ وڏو ٿي ويو. ڊپ هو نِتن جا سپنا ٽٽڻ جو. مان پريشان به هُيس، ڇو ته نِتن جي باس مونکي ڪڏهن به وري پنهنجي شڪل ڏيکاري بي عزت ڪرڻ جي يا ٻي ڪا به حرڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. لڳو ته جڻ هو پاڻ ئي پري ٿي ويو.

پر مان غلط ئي ثابت ٿيس. نِتن کي برباد ڪرڻ جي ڳالهه هُن جي باس ڪري به ڏيکاري. شاندار ۽ عاليشان هوٽل ۾ پروجيڪٽ هيڊ جو نالو اڄ ظاهر ٿيڻو هو. اُن لسٽ ۾ نِتن جو نالو به هئو ۽ گهٻراهٽ هُن جي چهري تي صاف نظر اَچي رهي هئي. سڄو هال خوبصورتيءَ سان سجايو ويو هو. پنهنجي ڪيل ڏينهن رات جي محنت نِتن جي اکين ۾ سُپنا بڻجي ڦري رهي هئي. اَسان ٻنهي پنهنجي جاءِ والاري ۽ فرنٽ سيٽس کان ڪجهه لائينون پٺتي ويناسين.

آخر نِتن جي باس اسٽيج تي اينٽري ورتي ۽ پروجيڪٽ سليڪشن لاءِ نالو وٺڻ جي تياري ڪندي چوڻ لڳو،

’توهان سڀني جو سواگت آهي، هاڻي توهان جو وڌيڪ وقت نه وٺندي مان سڌو نالو اَنائونس ڪرڻ چاهيندس ۽ اُهو خوشنصيب شخص آهي .....‘

نِتن پنهنجين آڱرين کي ڪراس ڪندي ٿورو ڏڪندي ڏڪندي مون ڏانهن نهاريو، پر نِتن کان وڌيڪ مونکي ڊپ لڳي رهيو هو. ڇو ته سندس باس

وٽ نِتن کي رِجيڪٽ ڪري پنهنجو بدلو وٺڻ جو اِهو ئي صحيح موقعو هو. هڪ منٽ ۾ دماغ ۾ سوين سوال گهمي ويا.

’جي رجيڪٽ ئي ڪرڻو هوس تہ نوان پروجيڪٽ ڏنائين ڇو؟ ڪٿي اِن لاءِ تہ نہ جو مان بي فڪرتي وچان ۽ نِتن کي ڪجهہ نہ ٻڌايان.‘

ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو. دل جو ڌڪ اکين مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار هو، اُن وقت لڳو پئي ’ڪاش مان نِتن سان هڪ دفعو ذڪر..... اوهہ .... هاڻي ڇا؟‘

’نہ .... نہ ..... مان آهيان نہ ! مان سنڀالي وٺنديس. پر اَلائي هن دفعي هو پنهنجو رجيڪشن سنڀالي سگهندو ڪيئن؟‘

’تہ ليڊيز ائنڊ جينٽلمئن، اِهو نالو آهي ....‘

ڪجهہ سيڪنڊ وري انتظار ’..... نِتن ماکيجاڻي. ۽ مان چاهيندس تہ اِها پروجيڪٽ ڪِٽ ماسٽر نِتن کي هن جي مسز جي هٿان ڏياري وڃي .... ڪيئن؟‘

’واڌايون، مسٽر نِتن واڌايون.‘

سيني تاڙيون پئي وڄايون ۽ نِتن اُٿي ڪري منهنجو هٿ پڪڙي اسٽيج ڏانهن وڌڻ لڳو. هُنجي خوشيءَ جو ڪو نڪاڻو ئي ڪونہ هو. ڪرسيءَ کان اسٽيج تائين اَلائي گهٽا پيرا ’ييس .... ييس ..... مون ڪري ڏيکاريو. اوهہ اَنو .... اَنو .... هيءَ سُپنو تہ ناهي، اوهہ گاڊ ييس ....‘

اسٽيج تي مونکي نِتن جي باس پروجڪيٽ ڪِٽ اَڳيان وڃي نِتن کي ڏيڻ لاءِ اِشارو ڪيو. مون نِتن جي سُپني کي ساکيات هنجي هٿن ۾ ڏنو، ۽ مان اَڃا تائين هُن جو مرڪندڙ خوشيءَ ۽ اُتساهہ سان ڀريل چهرو نہ وساري سگهي آهيان. ڀاوڪ نوع ۾ نِتن مونکي ٿئنڪس ڏنيون. اَسان ٻئي هيٺ لٿاسين ۽ سڀيئي نِتن کي واڌايون ڏيڻ لڳا. منهنجي دل جو ڪنڪو پورو ٿيو. ’ٿئنڪ گاڊ، نِتن کي اُهو ئي مليو، جيڪو هو ڊِزرو ڪندو هو.‘ منهنجا اَڃايا ڌڪ .....؟ ’اوهہ اَنو، ڇڏِ اِهي ڳالهيون. .....‘ پاڻ کي چوندي پاڻ سنڀاليمُ.

پر نہ .... قسمت کي رحم ڪونہ پيو. جيڪو سپنو مون نِتن جي هٿن ۾ ڏنو، اُهو هُن جي برباديءَ جو ڪارڻ هو. ۽ واقعي شروعات نِتن جي باس منهنجي هٿان ئي ڪرائي، اِهو تحفو پيش ڪرڻ لاءِ.

مانيءَ جو دؤر شروع ٿيو. سڀيئي هڪ ٻئي سان رِلي ملي رهيا هئا. مان ۽ نِتن بہ ڊنر پليٽس ٽيبل تي رکي ويناسين. ڪجهہ دير کان پوءِ باس نِتن سان وري هٿ ملائيندي پاسي کان رکيل ڪرسي ويجهو سيري اَچي وينو.

’نِتن، هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ، توکي ڇا ٿو لڳي، تہ هي پروجيڪٽ توکي ئي ڇو مليو؟‘

باس مون ڏانهن نهاريندي اِهو سوال پڇيو. مون حيرت وچان باس ڏانهن نهاريو.

’منهنجي محنت ۽ ڊيڊيڪيشن، سَر.‘

’توکي نٿو لڳي تہ ليڊي لَڪ بہ هڪ ڪارڻ ٿي ٿو سگهي؟‘

سندس نگاهون اَچا مون ۾ ئي اَٽڪيل هيون. نِتن اَسان ٻنهي ڏانهن ڏسندي چيو،

’سر، ڇو نہ، اَنوءَ جي لَڪ بہ شايد مون تي مهربان آهي.‘

’صرف توتي ئي نہ، نِتن، اِها تہ اسان تي بہ مهربان آهي. ڪيئن مسز اَنيتا؟ توهان تہ ڪافي پرڪٽيڪل ٿا لڳو، نِتن سان ڊِسڪس ڪانہ ٿي آهي ڇا اِها ڳالهہ؟ اوه، ڪم آن، ڪارپوريٽ ورلڊ ۾ اِهي ڳالهيون تہ ٿينديون رهنديون آهن، ڪيئن؟ اَڙي نِتن، تنهنجي اَڳئين رجيڪشن اَنيتا کي مايوس ڪري ڇڏيو؟ هُن پرسنلي مون سان گڏجي اِهو سڀ پلان ڪري مونکي ڪنوينس ڪري ڏيکاريو، تہ توسان گڏ هيءَ بہ محنت ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ۽ ها، هن پروجيڪٽ کي حاصل ڪرڻ ۾ اَنيتا جي بہ ايتري ئي محنت آهي، ڪيئن مسز اَنيتا؟ خير ڇڏيو اِهي ڳالهيون، انجاءِ دِ پارٽي، اَئنڊ گُڊ لَڪ ٽُ بوٿ آف يو.‘

نِتن جون اَکيون لڙڪ نہ، پر پنهنجن اَرمانن کي وهائي رهيون هيون. هوُ اوڏي مهل ئي اُتان اُٿي ويو هلي. مان سندس پٺيان ويس. پر هو ٽئڪسيءَ ۾

چڙهي نڪري ويو. مان گاڏي ڪٺي گهر آيس. درڪليل ڏسي ٿورو ساهه پيمُ. هو صوفا تي ويٺو هو. مون سندس ويجهو وڃي ڪجهه ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس ڪاوڙ ۽ نفرت سان ڀريل نگاهن مونکي ڪمزور ڪري ڇڏيو. منهنجي مُنهن مان صرف 'نِتن' نڪتو. منهنجي غلطيءَ جي سزا هڪ ڏِکارسان ڏيندي هُن پڇيو 'ڇا ڪمي هُئي منهنجي پيار ۾؟ توکي مون تي يا منهنجي قابليت تي اعتبار ڪونه هو؟ اَنو، منهنجو قصور اِهو آهي جو مان توکي وقت نه ڏيئي سگهيس. جيئن خوبصورتيءَ سان ايندڙ وقت تو لاءِ سجائي سگهان. دنيا جا سئر ۽ عيش-و- آرام، سڀ خوشيون تنهنجي لاءِ ئي تہ حاصل ڪرڻ پئي چاهيم. پر تنهنجي ڪمزور اعتبار مونکي پاڻ سان نفرت ڪرڻ لاءِ ۽ درد ڀري زندگي جيئڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏنو آهي. سچ ٻڌاءِ اَنو، تو ۾ منهنجي پيار کي ڇڏي ايڏو اڳتي وڌڻ جي همت ڪٿان آئي؟ گهڻا ئي مزا آرام ۽ ڀيا تحفا .....'

اوچتو ڳالهائيندي هوُ ڪِري پيو. مون امبولنس گهرائي. نِتن کي آءِ.سي. يو. ۾ ايڊمٽ ڪري ڊاڪٽر ڪيس ٽريٽ ڪرڻ لڳا. لڳ ڀڳ ڏهه منٽ زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ ٽڪرائيندو نِتن مونکي ڇڏي هليو ويو. مان تہ بُت بڻجي رهجي ويس. نہ ڪجهه ٻڌائي سگهيس نہ معافي گهري سگهيس. سڀ ڪجهہ ختم تي چڪو هو. نِتن جي ڪاميابيءَ کي هارٽ اٽئڪ جو تحفو ۽ باقي رهجي ويئي منهنجي بنا مطلب زندگي، جيڪا پاڻ کي ختم ڪري آسان موت نٿي چاهي، پر روز ٿورو ٿورو ٿي ڪري مرڻ ٿي چاهي.

**C C X - 240**
**Adipur (Kutch) 370205**





ليک/ لڇمڻ ڪومل

# نوجوان شاعر - شريڪانت صدف

منهنجي مطالعي هيٺ آيل ڪتاب سنڌيءَ جي نوجوان شاعر شريڪانت صدف جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’نفرت جا گل‘ آهي، جيڪو پنجاهه غزلن تي مشتمل آهي. نفرت، صدف جي سڄي شاعريءَ جو Undercurrent ۽ مرڪزي موضوع آهي :-

نفرت جا گل ئي نيڪ ها، جي سچ پڇين تہ دوست
مون ڪان نٿا هي پيار جا پٽر سنڀالجن.

ڪافڪا چيو آهي تہ ’ڪڏهن لفظن جو مطلب رڳو پنهنجن زخمن ذريعي ئي سمجهہ ۾ ايندو آهي ۽ جي لفظ دل مان نہ نڪرندا آهن، دغا ڏيندا آهن.‘ ۽ صدف يقينن پنهنجيءَ دل سان ڪا دغا ڪرڻ نٿو چاهي. جنهنجو عيني شاهد صدف جي هيءَ شاعري آهي، جنهن ۾ انساني رشتن ناتن جو پل پل زوال - سماجي ۽ اخلاقي پنڌنن ۾ جڪڙيل مجبور، بي وس اڄاتو انسان - ڏاڍ جي ڏهڪاءَ سان دل جي ديوارن تي درد جا پٽر سهندڙ ۽ روح جي رڙڪي تخليقي سطح تي پيش ڪرڻ لاءِ جنهن نئين نظريي، نوعيت، رخ ۽ رويي جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي. ’نفرت جا گل‘ جي شاعري، ان جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي.

شريڪانت صدف ڇڱي عرصي کان غزل سان جڙيل رهيو آهي ۽ غزل ۾ جي رهيو آهي ۽ هن جي تازن غزلن ۾ جذبو ۽ احساس، غزل جي فڪر ۽ فن سان پنهنجو شعوري وجود واضع ڪري چڪو آهي :

’هي حسن بہ هو باهہ ۽ هي جڳ بہ باهہ؛ پر
ساڙيو هو مونکي جنهن، اها شعرن جي باهہ هئي.

زندگيءَ جي تلخ ترين آزمودن جو اظهار شاعريءَ ۾ مختلف روپن ۽ رخن سان ٿيندو آهي پر غزل ۾ ان جي ترجماني بيحد نازڪ رويي سان اهڙو مطالبو ڪندي آهي. باهہ کي پنهنجي ذهن ۽ دک ۾ پڙڪائي رکڻ تائين تہ شاعريءَ

۾ ڪي صحتمند ڪندون اُجاڳر ڪري سگهجن ٿيون پر ان کي پنهنجي مٺ ۾ دٻائي رکڻ، سيڪ ناهي، سنئون سڌو قتل آهي.

هڪ باشعور شاعر وانگر صدف جي ذهن ۾ ماضيءَ جون ڪي جهلڪون، حال جا مسئلا ۽ مستقبل جا ڪي ساڪار ٿيڻ، نہ ٿيڻ وارا سپنا ۽ انديشا، پنهنجي شعري ڍانچي ۾ ڪجهہ چٽي ۽ ڪجهہ اڻ چٽي نموني اڀيان اچن ٿا، ۽ اتي صدف جي غزلن جي خوبي اها آهي جو هو بي سبب غزل ۾ لفظن جو ڪو اهڙو arrangement نٿو ڪري جيڪي وڏي واڪ چوندا وتن تہ ڏسو اسين ماضيءَ کان الڳ ۽ انوکا آهيون :

اي دل ! مسافتن جو هي جذبو جوان هجي
منزل هجي، هجي نہ هجي، ڪاروان هجي
هڪ گل ڏسڻ گهران ٿو مان پنهنجي اڱڻ ۾ دوست
مان ائين نٿو چوان تہ هتي گلستان هجي
هي تنهنجي رخ جو خيال هي ساغر شراب جو
جڻ ڪنهن نفيس چيز جو ڪو پاسبان هجي.

غزل ۾ مذڪور شعرن جو خيال نئون نہ هوندي بہ نوان نقطا اُڀارڻ جي ڪوشش اوس آهي. غزل ۾ ڪو نئون نقطو پئدا ڪرڻ ئي ڪامياب شاعريءَ جي ضمانت نہ آهي پوءِ بہ صدف جو غزل اڄ جو غزل آهي، جنهن ۾ قديم سوچ ۽ جديد ذهنيت ۽ ذهانت جو رل مل احساس اُڀري غزل کي هڪ نئين توانائي بخشي ٿو ۽ اسين ان ۾ آئيندي جا ڪي نوان اولڙا ڏسي سگهون ٿا.

چاليهہ نمبر غزل جي مطلع ۾ صدف اهو چئي :

’جيڪو هن شعر کي پسند ڪري
منهنجي سارا(ہ) ڪرڻ سو بند ڪري.‘

اسان جي ايماندارنہ راين مٿان بنيادي بندش وجهي ڇڏي آهي. ڪو غزل يا غزل جو ڪو شعر پسند اَچي ۽ پنهنجي پسنديءَ جي اظهار مٿان هاسيڪار پوري پابندي وجهي اها تبصري ڪارسان وڏي جٺ آهي. ان ڪري مونکي بہ بچائي بچائي ڪجهہ قلم برداشت لکڻو ٿو پوي.

صدف جي مجموعي جي مطالعي مان منهنجي مٿان اها ڳالهہ چٽي ٿي بيني آهي تہ شاعري صدف لاءِ رڳو محبوبا جي ڳلن، زلفن ۽ چپن جي

چاشني ناهي پرزندگيءَ جي حاصلاتن، ناڪامين، محرومين، رفاقتن، رقابتن، رنجشن ۽ رساڪشين جا رليل مليل احساس ۽ آزمودا آهي.

مان ڪيئن چوان تہ راهہ ۾ پٿڪڻ سان ڇا مليو؟
مونکي تہ ذات پنهنجي ۾ رهي خدا مليو.
سوچيم پئي روزگار لئہ، توڏانهن ڏسي ڏسي
بعضي تہ پنهنجو ڏيان پيي خود کان جدا مليو
منهنجي تہ صرف جنگ هئي خود سان ئي رات ڏينهن
مونکي جو هڪ ضمير هو خنجر نما مليو
منهنجو تہ هلڪو بار ٿيو، راحت ملي مگر
ڪهڙي خبر تہ لڙڪ کي ٽپڪڻ مان ڇا مليو؟

دل کي ڇهڻ وارو شعر چوڻ غزل ۾ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هتي روايت ۽ جدت، ٻنهي کان پوري آگاهي تمام ضروري آهي. زندگيءَ جي مختلف تجربن کي ڪاميابيءَ سان ٻن سٽن جي بندش ۾ بند ڪرڻ لاءِ جنهن رياض ۽ شعور جي ضرورت آهي، صدف ان راهہ تي تڪڙيون وکون وڌائي رهيو آهي.

اسان تي شعر کي جوڙڻ ۾ اهڙو عالم آ
تہ جڻ ڪو پاڻ کي ڳولهيندو ساري رات رهي.

شاعر جي ذهن ۾ زندگيءَ جون نيون پيچيدگيون هڪ نئين پيرائي ۾ لکي ذهني ۽ جذباتي ڇڪتاڻ جو اهو عالم پيدا ڪن ٿيون جتي شاعر پنهنجو پاڻ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري هڪ تجرباتي تخليق اُڀاري رهيو آهي.

۽ ائين ڪن خاص گهڙين جي اندروني ڇڪتاڻ، صدف کان ڪي اهڙا شعر چوارايا آهن، جو هن کي پنهنجن همعصرن کان الڳ ڪري بيهاريو آهي.

بهر حال، هتي مان صدف جي غير موزون ۽ وزن کان ٿڙيل ڪن شعرن تي ڪا بہ رائزني نٿو ڪريان جو فن، ٽيڪنڪ ۽ عروض جي پختگي هڪ عرصي جي رياضت ۽ مشق کان پوءِ ئي ڪنهن شاعر ۾ پئدا ٿي سگهندي آهي ۽ ائين بہ اڄ جي دؤر ۾ بحر وزن تي ڪجهہ بہ ڳالهائڻ جڻ مجنوءَ ۽ فرهاد کي عشق جا ابتدائي اصول سمجهائڻ آهي.

بهرحال، يڪمشت ازنموئي خروار ڏسي مان يقين سان اهو چئي ٿو سگهان تہ اڳتي هلي نئين سنڌي غزل تي صدف جا تمام وڏا احسان ٿيڻا آهن.

**(ڪونج - ١ ٣ )**

ليک/ ڪرشن راهي



# سنڌي غزل جو نئون آواز - شريڪانت صدف

سنڌي غزل جو هڪ اثرائتو آواز شريڪانت صدف آهي. سندس شعرن جو پهريون مجموعو ’نفرت جا گُل‘ ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو آهي، ٻيو مجموعو ’نانگن جا ٻرَ‘ ١٩٩٢ع ۾ ٽيون ’ذهن جا قبيلا‘ ١٩٩٦ع ۾ شاع ٿيو آهي. نون سالن جي ننڍي عرصي ۾ ايڏي شعري اُپج تحسين جوڳي آهي. بي باڪ لهجي ۽ زوردار اظهار جي ڪري، سنڌي غزل گوئيءَ ۾ شريڪانت صدف اڄڪلهه سان ئي ڌيان ڇڪايو آهي سندس غزل ۾ ڪٿي ذهن جي ڇاپ آهي.

الائي دوست آ، دشمن آ يا ڪو رهبر آ
لڳي ٿو ڪوئي تہ آهي جو منهنجي اندر آ.
اڳوڻي دؤر ۾ سايو پيي هو پناهہ ڏيندڙ
اسان جي دؤر ۾ ديوار گهر جي اندر آ.

تہ ڪٿي ڏکٽي دل جو آواز آهي.

پاڙي ۾ ڇا صدف ڪوئي آهي بڪيو سُمهيو،
منهنجي نڙيءَ مان هڪ بہ گرهہ ڪونہ ٿو لهي.

يا

اُن ڏينهن بعد دوست هي ٿمڄن ئي ڪونہ ٿا،
منهنجا جڏهن تو پيار سان ڳوڙها اُگهيا هيا.

ڪجهہ هلڪو ڦلڪو شعر بہ آهي پر هڪ ڳالهہ جا خاص ڪٽڪي ٿي سا

آهي پُراڻن ۾ ڏکين اردو لفظن جو غير ضروري استعمال. زير و زبر، گريزان، عش و طرب، دؤر ارتقا، مُسافت، غماز، التفات وغيره. لڳي ٿو شريڪانت تي اُردو شعر جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي جو هن اُتي اظهاريل ڪنهن خيال کي لفظن سميت پنهنجي شعر ۾ ڪٽي ورتو آهي.

اهو اردو شاعريءَ جو اثر 'نفرت جا گل' کان پوءِ وارن ٻن مجموعن 'نانگن جا ٻرُ' ۽ 'ذهن جا قبيلا' ۾ گهٽجندو ۽ گُم ٿيندو نظر اَچي ٿو. نہ صرف اهو پر سندس نج پنهنجي شاعراڻي لفظ - چونڊ (diction) بہ اڀرندي نظر ٿي اَچي.

مون خارن جي جُهڳٽن کي پنبڻين ۾ پوئي،
ڏنو وڃي سپنو گلابي گلن جو.

ڪٿي تہ اها ٻولي خيال جي خوبيءَ سان اَچي ٿي

تون جنهن ڪتاب مان ٿو آتما جو گيان وٺين،
اُنهيءَ ڪتاب ۾ جسمن جو باب ئي ڪونهي.

ملي جي وقت تہ اک ۾ وجهي وري ڳاڙيان،
مون چند لڙڪ ترڪ تريءَ تي رکي ڇڏيا آهن.

اخبار کيس پنهنجي نظر مان ڪڍي وئي،
اخبار کي هوُ پوءِ نظر مان ڪڍڻ لڳو.

'نانگن جا ٻرُ' کان پوءِ صدف اهو فن ۽ شعور جو سلسلو 'ذهن جا قبيلا' ۾ جاري رکيو آهي.

هوُ ٻي تہ ڪا بہ چوري ڪري ئي نہ ٿي سگهيا،
دل مان ڪي اعتبار جا موتي ڪٽي ويا.

دل کان نظر بچائي، ورهين بعد اوچتو،
ڪي جذبا ڪالهہ تنهنجي گهٽيءَ ۾ گهڙي ويا.

هي زلزلا، هيءَ ٻوڏ، هي آتنڪواد، پر،
ڪي بدنصيب پو بہ مرڻ کان بچي ويا.

پر هڪڙي ٻي ڳالهہ جيڪا صدف جي انهن ٻنهي مجموعن ۾ خاص طور ۽ ڪجهہ خراب نموني اُڀري آئي آهي، سا آهي نفرت، هڪ اڳهاڙي نفرت. هڪ اَهڙي نفرت جيڪا بلڪل شخصي تي لڳي ۽ ڪيس هڪ ڪاوڙيل ۽ ڪروڌي شخص ڪري تي ڏيکاري.

پيار جنهن سان صدف ڪيم ايڏو،
تنهن کي نفرت بہ بي حساب ڏنم.

ڪٿي تہ ان نفرت سان انا (Ego) جي شامل ٿيڻ سان پڙهڻ جو ذائقو ئي خراب ٿي ٿو وڃي.

لکي مون خود کي ئي ڳچ شاعري سُٽائي آ،
بچيل ڪا جوُٽ رسالن کي مون چٽائي آ،

اَهڙا پيا بہ شعر آهن جن سان هو پنهنجو شاعراڻو رتبو خواه مخواه گهٽائي رهيو آهي. منهنجي ڪيس صلاح آهي تہ هيءَ خود پائمالي (Self destructive) وات نہ وٺي. هر شخص خواه شاعر جا زندگيءَ جا پنهنجا پنهنجا انيوَ ۽ آزمودا ٿيندا آهن. ڪي آزمودا اَهڙا ٿيندا آهن جيڪي صرف پاڻ پو ڳبا آهن، ٻين کان پوڳائي نہ سگهبا آهن. محبت ٻين سان ونڊي ورهائي سگهبي آهي. نفرت کي پاڻ تائين محدود رکجي تہ بهتر. صدف سان سنڌي غزل جون وڏيون اُميدون وابستہ آهن. اُميد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ هوُ پنهنجي غزل ۾، غزل جا وڏيڪ ۽ وڏيڪ خالص رنگ پريندو ۽ گهٽن غزل گو شاعرن کي پٺتي ڇڏي ويندو.

**(سپون )**

ليک / منوهر نهالاڻي



# ديا جي ڀاونا

سماج، ڌرم ۽ ديش وسيلي مقرر ڪيل نيمن جو پالن ڪرڻ، هر اِنسان جو فرض آهي. انهن نيمن موجب سداچار سان وابسته گڻ ئي انسان کي انسان بڻائين ٿا. ديا، تياڳ، سچائي، ايمانداري، سنتوش ڀلائي، قرباني، پوترتا، شانتي، نئڙت ۽ نياز وغيره گڻن ڪري ئي انسان نيڪ ليکبو آهي.

سماج سٺي نموني هلي، اُنجو وڪاس صحيح دِشا ۾ ٿئي، اُن لاءِ سماج جو بنياد وجهندڙن ڪي نيتي نيم ناهيا آهن؛ جن جو پالن، سماج جي ڀپ ڪان هرڪو اِنسان ڪري ٿو. ڀارت جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ ۾ اوائلي وقت ڪان ديا، ڀلائي، همدردي، سماج سيوا وغيره جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي. سچي اِنسانيت اُن ۾ آهي - جڏهن انسان هڪ ٻئي جو وڏ ۾ وڏ ڀلو چاهي. جيون ۾ ماحول مطابق بدلاءُ ايندو رهي ٿو. اِنهيءَ تبديل جي ڊوڙ ۾، ديکا ديکي ۽ آڊمبر ڪري اسان پراڻي زماني جي آدرشن ڪان، ائين ڪٽي چئجي ته سنسڪرتيءَ ڪان، ڪنارو ڪرڻ لڳا آهيون. تنهنڪري اسان کي سنتوش ناهي، من جي شانتي ناهي. من بيچئن آهي. هرڪو چوي ٿو زماني جي ڪجهه هوا ئي اَهڙي آهي. هرڪو پنهنجي ٺانءِ ۾ پورو آهي. ڪنهن کي ڪنهن ڏانهن نهارڻ جي فرصت ئي ڪونهي. انهيءَ بي آراميءَ ڪان چٽٽو آهي ته پنهنجين مشغولين مان ٿورو وقت ڪڍي ٻئي جي پيڙا کي ڏسڻو پوندو، اُن لاءِ اسان کي پنهنجي ڌرم ۽ نيڪ رهڻيءَ جي گڻن جو پالند پڪڙڻو پوندو. انسان جي ڀلائي اُن ۾ ئي آهي. ديا سداچار جو مکيه گڻ آهي. مها ڪوي تلسيداس چيو آهي :

’دیا ڌرم ڪا موُل هئہ، پاپ موُل ایمان،
تلسي دیا نہ ڇوڙ ئي، جب لگ گهٽ ۾ پراڻ.

جتي دیا آهي، اتُي ڌرم آهي. ڌرماتما انسان ئي دیا ڏيکاري سگهندو. دیا هڪ اَهڙو لفظ آهي جو پنهنجو پاڻ ڌرم ۾ سمايل آهي. ماڪيءَ مان ميڻاج الڳ نٿو ڪري سگهجي. جنهن ۾ مِٺاس ناهي، اهُا ماکي ناهي. ڪجهہ اَهڙي نموني ئي، دیا ۽ ڌرم هڪ ٻئي سان جڙيا پيا آهن. چوندا آهن -’اَهنسا پرمو ڌرم‘ ان ۾ بہ دیا جي ياونا انڻ سڌيءَ طرح سمايل آهي. ڇاڪاڻ تہ هنسا ڪرڻ واري اِنسان ۾ دیا نہ هوندي، جيڪو اهنسا ۾ وشواس ٿو رکي اهُو پڪ ئي پڪ ديالو هوندو.

دیا جو مطلب ڇا آهي؟ اهُو ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. دیا ۽ دک جي وچ ۾ ٿاري ۽ پن جهڙو سنبنڌ آهي. جِتي ٿاري هوندي اتُي پن ٿيندو ئي. اَهڙي نموني جتي دک هوندو اتُي دیا تہ ايندي ئي. انڪري ئي مذڪور دوهي ۾ تلسيداس چوي ٿو - جيسين هن سرير ۾ ساهہ آهي، تيسين دیا کي ڇڏڻ نہ گهرجي. مطلب تہ دک کي جڙ سان ناس ڪرڻو آهي.

دیا جي لفظي معنيٰ آهي : ڪرپا، مهر رحم، ٻاجهہ، قياس، ترس. ڀڳوان کي ديالو، ڪرپالو، ٻاجهارو، ڏاتار وغيره نالن سان پڪاريو ويندو آهي. ڪوي روي شنڪر پرپوءَ اڳيان سوالي ٿي چوي ٿو :

دیا ڪر ديالو داتا، دنيا جا والي،
آهيون تنهنجي درجا، اَسين سوالي.‘

ڪوي دنيا جي مالڪ جي درتي بيهي ٻاڏائي ٿو تہ داتا تون اسان تي دیا ڪر.

دیا ڪرڻ مطلب ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ جيو جي دک کي، پنهنجو دک ڪري سمجهي ۽ انُجو دک دوُر ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪجي. سنت ڪبير تہ ٻئي جي دک کي سمجهڻ واري انسان کي پير جو درجو ڏنو آهي . سنت ڪبير فرمايو آهي :

ڪبيرا سوئي پير هئہ، جو جاني پرپير
جو پرپير نہ جانئي، سو ڪافرُ بي پير‘

جيڪو اِنسان ٻئي جي پيڙا کي ، ڏک درد کي نٿو ڄاڻي، اُهو ڌرم ۾ شرڌا رکندڙ انسان ناهي. اُن جو ڪو گُر پيرُئي ڪونهي.

ديا اَڇڻ ۽ ديا ڪرڻ اُن ۾ به تفاوت آهي. رستي ويندي ڪنهن پکيءَ کي زخمي ٿي ڦٿڪندو ڏسون ٿا. تڏهن ڏسڻ وارن سيني ماڻهن کي ديا اَچي، اِهو سپاويڪ آهي پر اُن پکيءَ کي هٿ ۾ کڻي اُنجي زخم/ڏک جي دوا ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽروٽ پهچائڻ، اُها سچي جيو ديا آهي ۽ اُهو ئي ماڻهو ديالو ليکجي ٿو. رڳو دل ۾ ديا ڪرڻ سان ڪجهه به نه ورندو.

چوندا آهن - ’ديا کي دائما رکو ياد، ته نه رهي اُنجي ڪا فرياد‘ ديا ڪرڻ سان ئي دنيا جا ڏک گهٽ ٿين ٿا. جنهنجي دل ۾ ديا ڪانهي، سچ ته اُهو اِنسان چوائڻ جي لائق ئي ڪونهي. جتي دل ۾ ديا ڪانهي اُتي دغا ۽ دولاب ٿو وسي. مطلب ته بنا ديا واري ماڻهوءَ جو وشواس به نه ڪجي. سچ ته جنهن دل ۾ ديا ڪانهي، اُها دڪ دڪ ڪري ته به ڪهڙي ڪم جي؟

اُپنيشد ۾ پرسنگ اَچي ٿو. ٻارهن سالن تائين ديون، دئيتن ۽ ماڻهن ڏاڍي تپسيا ڪئي ۽ وردان گهريائون. وردان ۾ هڪ ئي اکر ٻڌڻ لاءِ مليِن د ... د ... د پوءِ اُنجو ارٿ اِهو ڪڍيو ويو ته ديوتائن کي د معنيٰ ديا ڪرڻ کپي. دئيتن کي د يعني دم (سنجم) جو پالن ڪرڻ کپي ۽ ماڻهن کي د مطلب دان ڪرڻ کپي. ان پرسنگ مان ظاهر آهي ته ديا تپسيا جو ڦل آهي. پراڻن ۾ ڪٿا آهي - شرڻ ۾ آيل هڪ پکيءَ جي رکشا ڪرڻ لاءِ، پنهنجي جيئري، سرير مان ماس ڪٽي ڏيندڙ راجا شِويءَ کي اَڄ به اسين شرڌا سان ياد ڪريون ٿا. ديا جو هيءُ بيحد اڻ لڀ ۽ بيجوڙ مثال ڀارت جي سنسڪرتيءَ کي چار چنڊ لڳائي ٿو ڇڏي. ڀارت جي سنسڪرتيءَ جا اَهڙا مثال ڌرم جو جهنڊو هميشه بلند رکن ٿا. ان ڪري ئي سنت به جڏهن ڌرم جي وياکيا ڪندا آهن، تڏهن ديا جو ذڪر ضرور ڪندا آهن. هڪ سِڄ جيئن سڄي سرشٽيءَ جو انڌڪار دور ڪري، پرڪاش ڦهلائي ٿو تيئين هڪ ديا جو گڻ، آتما کي پرماتما سان ملائڻ جو وسيلو بڻجي ٿو.

اسان جو ڌرم ديا جي اتهاس سان ڀريو پيو آهي. اَهڙا انيڪ مثال اسان کي

ملي سگھندا. جھڙوڪ شري ڪرشن سدراما تي، شري رام سگريوَ تي، پانڊوَن اَشوٿاما تي، ددڌيچي رشيءَ ديوتائن تي، يمراج نچڪيتا تي، شِو ڀڳوان چنڊ تي ديا ڪئي. اِنهن مثالن مان ڄاڻ پوي ٿي ته ڀارت جي سنسڪرتي سورهن ڪلائن سان اُجاگر آهي.

ها، هڪ ڳالهه ديا به اَهڙي نموني ڪريون جنهن ۾ سامهون واري شخص جي خودداري ۽ اَهم کي چوٽ نه رسي. ساڳئي وقت اسان ديا ڪئي آهي، اهڙي قسم جي وڏائيءَ جو ڀاءُ نه اَچي، ٻنهي پاسي سوَمان قائم رهي. تڏهن ئي اُها ديا سڦلي ليکجندي، ديا ڪرڻ اهو ڪنهن تي احسان ڪونهي. پر اهو اسان جو فرض آهي ائين سمجهي، صحيح وقت تي، صحيح ماڻهوءَ تي، صحيح ڍنگ سان نسوارٿ ڀاوَ سان ڪيل ديا جي موَج ۽ آنند ئي ڪجهه اؤرئي ٿو. سنت ڪبير ساڌوءَ جا ڪهڙا لڇڻ هئڻ گهرجن اُهو ٻڌائيندي چيو آهي :

’ديا غريبي بندگي، ممتا شيل سوَڀاوَ،
اِتني لڪشڻ ساڌوُ ڪي، ڪهي ڪبير سدِ ڀاوَ.‘

ڪوي ڊاڪٽر بسنت لُلا ڀيائيءَ جو خيال من مان ڪڍي ديا دان ڪري اسان جو جيون سڦلو ڪرڻ جي صالح ڏني آهي.

’ديا جنهن جي من ۾ سو ڪري ڀلائي،
نندي وڏي ۾ ڪين هوُ ڏسي مدائي،
ڏئي دان دل سان، ڪاڻ نه رکي ڪائي،
ڪري جيون سجائي، سائين سندي مهر سان.‘

شاعر ڀڳوان نردوش دنيا جي نِرديتا کان گهبرائجي گيت جي مکڙي ۾ چيو آهي :

’ديا ڪر اسان تي، ڪرامت جا سائين،
پتا مات ٻنڌو، سکو تون ئي آهين.‘

**106/A, Sardarnagar,**
**Ahmedabad- 382475**



## ڪٽ / ستيش روهڙا

هن ڪٽ ۾ شامل ڪتاب آهن -

۱. شاه عبداللطيف جي چونڊ شاعري (ڪيليگرافي آرٽ ۾) - مڪيش تلوڪاڻي.

۲. وشنو شرما جي سنسڪرت ۾ لکيل پنچتنتر جو سنڌي ديوناگريءَ ۾ انواد گهنشيام شرما.

ساهتيہ جي محدود سرجناتمڪ دائري (شاعري، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ مضمون، تنقيد وغيره) ۾ اهي ڪتاب شامل ڪرڻ شايد ڏکيا لڳن پر ساهتيہ جي وسيع دائري ۾ مٿين ڪتابن لاءِ جڳهہ نڪري ايندي.

مٿين ٻن ڪتابن مان هڪڙو ڪتاب آهي مڪيش تلوڪاڻيءَ جو ڪتاب **'شاهہ عبداللطيف جي چونڊ شاعري (ڪيليگراف آرٽ ۾).**

مڪيش هڪ ٻهڳڻو ڪلاڪار آهي. هو شاعر آهي. سندس ڪوتائن جا ٻہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هو خاڪا ڪارٽونسٽ آهي جنهن جا ڪارٽون چڱين معتبر مخزنن ۾ شايع ٿيل آهن. مڪيش ڪور ڊزائينر ۽ چترڪار بہ آهي. مٿئين ڪتاب ۾ مڪيش جا شاهہ جي سورمين تي چٽيل ڪجهہ چتر بہ شامل آهن. مڪيش تمام سٺو اسٽيج ڪلاڪار آهي. اڄ جي اُڀرندڙ نوجوان رچناڪارن ۾ مڪيش جي ڳڻپ ٿيندي ٿي رهي.

---

۱. شاه عبداللطيف جي چونڊ شاعري (ڪيليگرافي آرٽ ۾)

مڪيش تلوڪاڻي (2012)، موهت پبليڪيشن 41، سنڌو ورشا فائونڊيشن، آديپور (ڪڇ) 370205 قيمت : 750

۲. پنچتنتر جو سنڌي ديوناگريءَ ۾

انواد گهنشيام شرما شرنگي، 2/91-92, نيو آنند نگر وڪولا پوليس اسٽيشن سانتا ڪروز (اولهہ) ممبئي - 400055, قيمت : 500

جيستائين ڪيليگرافيءَ جو سوال آهي اهو اکر لکڻ جو هڪ هنر يا ڪلا آهي. منهنجي خيال موجب ڪيليگرافيءَ جو استعمال قرآن شريف ۽ ٻين عربي رچنائن کي هٿ سان لکڻ ۾ ٿئي ٿو. تاج محل جي ٻاهر خواهه اندر ڪيليگرافيءَ ۾ قرآن شريف جون آيتون لکيل آهن. اهو هنر هندستان ۾ هاڻي شايد رڳو ڪشمير ۾ سيکاريو ويندو آهي. ’ڪيليگرافي‘ (Calligraphy) انگريزي لفظ آهي. سنڌيءَ جي گهڻين ڊڪشنرين ۾ ان لاءِ ’خوش خطي‘ لکيل آهي جيڪو صحيح نہ آهي، جو خوش خطيءَ جو مطلب آهي ’سٺا اکر‘ پر ڪيليگرافي اکرن لکڻ جو هڪ خاص هنر آهي ان ڪري ان لاءِ ’هنرخوشخطي‘ يا هنر ’خوش ڪِلڪي‘ استعمال ڪري سگهجي ٿو جو اهي اکر ڪِلڪ سان لکيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. تازو شايع ٿيل آڪسفورڊ جي ’انگريزي - سنڌي‘ ڊڪشنريءَ ۾ هڪ وصفي طرح سان ٺاهيل لفظ ’خطاطي‘ لکيل آهي. جيستائين سنڌيءَ جو سوال آهي، منهنجي خيال موجب سنڌيءَ ۾ اَڃا تائين ڪيليگرافيءَ جو لکيل نمونو ڪتابي صورت ۾ ڪونهي. مڪيش هن ڏِس ۾ جيڪا ڪوشش ڪئي آهي ان لاءِ هن کي جيتريون مبارڪون ڏجن اوتريون ٿوريون آهن. ڪيليگرافيءَ ۾ اکر هڪ ٻئي سان اَهڙيءَ طرح سان هيٺ- مٿي، پاسي کان چنبڙيل هوندا آهن جو انهن کي پڙهڻ ڪنهن بہ اهڙي پانڪ لاءِ ڏکيو هوندو آهي، جنهن کي ڪيليگرافيءَ جي ڄاڻ ڪانهي. اها خاطري ڪرڻ لاءِ تہ سنڌيءَ ۾ ڪيليگرافيءَ تي ڪا لکت آهي يا نہ، مون سنڌ (پاڪستان) مان ڇپيل شاهہ عبداللطيف جي سموري ڪلام کي گڏ ڪري ڇپايل ’گنج‘ بہ نظر مان ڪڍيو. مون سوچيو تہ متان شاهہ جو ڪلام ڪيليگرافيءَ ۾ لکي پوءِ مروج اکرن ۾ لکيو ويو هجي پر شاه جو ڪلام اول رڳو ڪلڪ سان لکي پوءِ ان کي مروج سنڌي لپيءَ ۾ ڪامپيوٽر تي لکيل آهي. ان ڪري ڪيليگرافيءَ ۾ شاه جو ڪلام لکي مڪيش سنڌيءَ ۾ ڪيليگرافيءَ جو ’پهريون‘ رچناڪار بڻجي پيو آهي.

مون کي ڪيليگرافيءَ جي هنر جي ڪا ڄاڻ نہ آهي جو مان مڪيش جي ڪيل ڪيليگرافيءَ جي معيار بابت ڪجهہ لکي سگهان پر ڪتاب جي شروع ۾ ڇپيل نئشنل اَوارڊ حاصل ڪيل ڪيليگرافي ماهر انيس صديقيءَ جو

مڪيش کي سندس ڪيليگرافيءَ جي هن رچنا لاءِ مليل شاباس نامو ان ڳالهه جو پڪو ثبوت آهي تہ مڪيش هن رچنا دوارا ڪيليگرافيءَ جي هنر سان نباهيو آهي.

ڪتاب ۾ اندرپيش ڪيل سامگري ۽ ان جي اندرين خواه ٻاهرين سجاوت بيحد خوبصورت آهي. ڊبل ڊيمي سائيز، آرٽ ٿلهي پيپر تي هرڪو صفحو ڇئن جدا جدا رنگن ۾ ڇپيل، لاشڪ ڪتاب کي علحدي سونهن بخشين ٿا. ٻاهرئين ڪور تي شاهہ عبداللطيف جو فوٽو ۽ شاهہ جي ٻِتَ جو خوبصورت بيهڪ وارو چٽر آهي. اندر ڪلياڻ آڏوائيءَ جي رسالي (مڪمل) جي ٽيهن سُرَن مان هرهڪ سُرَمان ٻہ بيت ڪٽي ڪل سٺ بيتن کي ڪيليگرافيءَ ۾ لکيو ويو آهي ۽ ان جي هيٺان واري باقي بچيل حصي ۾ چارباڪس ٺاهيا ويا آهن. هڪ باڪس ۾ مٿي ڪيليگرافيءَ ۾ لکيل بيت مُروج ڪامپيوٽر تي ٽائيپ ٿيل سنڌي لپيءَ ۾ لکيل آهي. ٻئي باڪس ۾ اهو بيت ديوناگريءَ ۾ لکيل آهي. ٽئين باڪس ۾ بيت ساڏارڻ نثر۾ لکيل آهي ۽ چوٿين باڪس ۾ بيت جو انگريزيءَ ۾ پاو انواد ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سان بيت نہ رڳو سنڌي لپي ڄاڻندڙن لاءِ محدود آهي پر اهو ديوناگري لپي ڄاڻندڙ بہ پڙهي سگهي ٿو. بيت جي اکرن کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ٿئي تہ ان جو مروج نثر۾ لکيل روپ بہ آهي. 'سون ۾ سهاڳو' ان کي چئبو آهي. ان خيال ڪان هر بيت جو خوبصورت انگريزي انواد بہ ميسر آهي. مطلب تہ مڪيش ڪتاب کي خوبصورت ۽ اُپيوگي بڻائڻ لاءِ بيحد گهڻو سوچي - ويچاري ڪتاب جي رچنا ڪئي آهي. ڪتاب ۾ ڏنل سامگريءَ کي اعتبارجوڳو بڻائڻ لاءِ هر صفحي جي مٿان هڪ ننڍي گول ۾ رسالي جو پيج نمبر۽ ان جي هيٺان ان جو بيت نمبر ڏنل آهي.

بيتن جو انگريزي انواد موهن گيهاڻيءَ ڪيو آهي جيڪو بيحد خوبصورت آهي. موهن پاڻ کي بيت جي شبد انواد ڪرڻ سان ٻڌل نہ رکيو آهي. موهن اها ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي تہ انگريزيءَ ۾ پڙهندڙ کي شاهہ جي شعر جي خوبصورتي ۽ گهرائيءَ جو احساس ٿئي.

ڪتاب جي ڇپائي، سونهن، سجاوت ڏسي اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي تہ تن جي پورهئي ۽ من جي جنون کان سواءِ مڪيش کي هن ڪتاب جي

ڇپائڻ لاءِ ڏن جي بہ قرباني ڏيٺي پئي هوندي. مڪيش کي هن ڪتاب لاءِ اين. سي. پي. ايس. ايل. طرفان آرٽڪ سهايتا ملي آهي پر اين. سي. پي. ايس. ايل. جي آرٽڪ سهايتا جي حد مقرر آهي. ان حد جي اندر هن قسم جي ڪتاب ڇپائڻ جي ڪلپنا ڪرڻ ئي اَجائي آهي.

هن ڪتاب دوارا سنڌي ڀاشا جي ڇپيل ساهتيہ ۾ هڪ انوکو اضافو ٿيو آهي ۽ اسان کي ڇوڻ جو موقعو مليو آهي تہ سنڌيءَ ۾ شاھ جا چوند بيت ڪيليگرافيءَ ۾ لکيل بہ آهن. هن قسم جو شاندار انوکو ڪتاب سنڌي ڀاشا ۾ موجود ڪرڻ لاءِ مڪيش تلوڪاڻيءَ کي گھڻيون گھڻيون مبارڪون.

ڪتاب جي اندر شامل سامگريءَ جي خوبصورتي ۽ اپيوگتا کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڪتاب جو هڪ پيج پنيان نموني طور ڏنو ويو آهي. پنيان ڏنل پيج ڪاري اَڇي رنگ ۾ آهي جڏهن ڪ ڪتاب جي اندر هرڪو پيج گھڻن رنگن (Multi Colour) ۾ آهي.

هن ڪٽ ۾ ٻيو ڪتاب شامل آهي **'پنچتنتر'** पंचतंत्र . پنچتنتر سنسڪرت ۾ لکيل ڪافي مشهور ڪتاب آهي. هيءُ هڪ قسم جو نيتي شاستر آهي جنهن جو مقصد ماڻھوءَ کي ڪهاڻين دوارا 'وهنوارڪ ۽ عقلمند' بڻائڻ آهي. ان ڪري پشچمي ملڪن جي ڪن ودوانن پنچتنتر کي نيتي شاستر (Moral eduation book) نہ چئي هن کي (Practical Wisdom eduation book) چيو آهي جنهن جو مقصد ماڻھوءَ کي وڏيڪ اخلاقي يا آدرشي بڻائڻ نہ آهي پر جنهن جو مقصد ماڻھوءَ کي وڏيڪ سياڻو (Clever) يا وهنوار ڪُشل (Practical) بڻائڻ آهي. سک، پنچتنتر جو مقصد ڪجهہ بہ چئجي پر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پنچتنتر جون ڪهاڻيون جي ماڻھوءَ کي 'وهنوارڪ ۽ عقلمند' بڻائڻ لاءِ آهن تہ اهو بہ ڪو گهٽ اهم مقصد نہ آهي؛ ڇو تہ ماڻھو سماج ۾ تمام گهٽا فيصلا وهنوارڪ سمجھہ ۽ عقلمنديءَ جي نہ هئڻ سبب ئي ڪري ٿو جنهن مان ڪافي نقصانڪار نتيجا نڪرن ٿا.

پنچتنتر جون ڪهاڻيون بيحد دلچسپ وندرائيندڙ ۽ سکيادايڪ آهن. اهي ڪهاڻيون ڪيترن الڳ الڳ روپن ۽ شئلين ۾ دنيا جي پنجاھہ کن ڀاشائن ۾ موجود آهن. ايتري قدر جو مول سنسڪرت ۾ لکيل هن ڪتاب جو وري

سنسڪرت ۾ بہ ترجمو ٿيو آهي. ائين بہ مڃيو وڃي ٿو تہ ’ايسپ جون آکاڻيون‘ ۽ (Arabian nights) عريبين نائيٽس‘ جون ڪيتريون آکاڻيون بہ پنچتنتر جي آکاڻين جهڙيون يا انهن سان ميل کائيندڙ آهن. پنچتنتر جون ڪيتريون ڪهاڻيون عام لوڪ جيون ۾ بہ خوب استعمال ٿين ٿيون. پنچتنتر جا مکيہ ڪردار ماڻهو ۽ جدا جدا قسمن جا جانور ۽ پکي آهن جيڪي ڳالهائين بہ ٿا. پنچتنتر جون ڪهاڻيون ڪڏهن شروع ٿيون ۽ انهن جو مول ليکڪ ڪير هو، ان بابت ڪجهہ بہ خاطريءَ سان چوڻ مشڪل آهي پروداون عام طرح سان ائين مڃين ٿا تہ عيسيٰ کان بہ سؤ سال کن اول اهي ڪهاڻيون عام استعمال ۾ هيون جن کي گڏ ڪري، سهيڙي جدا جدا وشين جي حوالي سان ورهائي سنسڪرت جي مها ودوان وشنو شرما پنچتنتر جي رچنا ڪئي. پنچتنتر جي رچنا جو مول ڪارڻ هو ’حورپور‘ جي راجا امرشڪتيءَ جي ٽن مورک ۽ سماجڪ وهنوار نہ ڄاڻندڙ پٽن کي عقلمند ۽ وهنوار ۾ هوشيار بڻائڻ جيئن هو راجا کان پوءِ راڄ ڪاروبار سنڀالي سگهن. اهو ڪاريہ ڇهن مهينن ۾ پورو ڪرڻ جي وشنو شرما راجا کي خاطري ڏني هئي.

وشنو شرما دواران لکيل پنچتنتر جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل آهي تہ ’هيءُ نيتي شاستر جيڪو پڙهندو يا ٻڌندو، اِندرُ بہ ان کي نظر انداز نہ ڪري سگهندو.‘

سنڌيءَ ۾ پنچتنتر جو انواد نارائڻداس ڀنيڄا هندستان ساهتيہ مالا پاران ۱۹۵۷ ۾ ڪيو هو. اهو سنڌي لپيءَ (عربي پارسي) ۾ آهي. جنهن پنچتنتر جو هن ڪٿ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ پر ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهي. ٻنهي انوادن ۾ رڳو لپيءَ جو فرق ئي ڪونهي ٻنهي انوادن جي ڀاشا ۾ بہ تمام گهڻو فرق آهي. ان فرق جو هڪڙو ڪارڻ اهو آهي تہ سنڌي لپيءَ ۾ انواد ۱۹۵۷ ۾ ڪيل آهي ۽ ديوناگريءَ ۾ ڪيل انواد ۲۰۱۲ ۾ ٿيل آهي يعني ٻنهي جي وچ ۾ ۵۵ سالن جي وٿي آهي. ايترن سالن ۾ سنڌيءَ ۾ ڪافي گهڻي تبديل ٿي هوندي. ٻيو، انواد ۾ انوادڪ جي ادبي شخصيت جو اولڙو اچي ويندو آهي. سگهہ جيئن تہ هن ليک جو مقصد سنڌيءَ ۽ ديوناگريءَ ۾ ڪيل انوادن جي ڀيٽ ڪرڻ نہ آهي، ان ڪري مان ديوناگريءَ ۾ انواد ڪيل پنچتنتر تائين ئي پنهنجي ڳالهہ کي محدود رکندس.

ديوناگري سنڌيءَ ۾ انواد ڪيل پنچتنترجا پنج باب يا پنج ڀاڱا آهن - جيڪي آهن :

(۱) دوستن ۾ ڦوٽ (۲) دوستن جو ملڻ (۳) ڪانءَ ۽ چبرا، (۴) مليل کي وڃائڻ، ۽ (۵) بي عقلائتا ڪم.

هرهڪ ڀاڱو جدا رنگ جي پني تي ڇپيل آهي. ان ڪري اهو سمجھڻ ۾ ڏکيائي نٿي ٿئي تہ ڪهڙو باب پورو ٿيو ۽ نئون شروع ٿيو. ڪتاب جي اندر هر ڪهاڻيءَ سان واسطيدار هڪ يا هڪ کان وڌيڪ چترڏنل آهن. ڪتاب ۾ ٻن قسمن جي سائيز جا اکر استعمال ڪيا ويا آهن. هڪ قسم جي اکرن جو استعمال بيان ڪرڻ وقت ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي قسم جي اکرن ۾ سنسڪرت شلوڪن جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو ويو آهي. بيان وارن اکرن جي سائيز بہ چڱي وڏي آهي پر شلوڪن جي معنيٰ وارا اکر وڏي سائيز ۾ بولڊ آهن. شلوڪ، بيان جي هيٺان حاشيي ۾ ٿوري جڳھہ ڇڏي لکيا ويا آهن انڪري اهي بلڪل الڳ ٿي بيهن ٿا.

هن انواد جون بہ مکيہ خاصيتون آهن. هڪ سني سنڌي ڀاشا جو استعمال ۽ ٻيو ديوناگريءَ جي معياري روپ لکڻ جي ڪوشش. ڀاشا جي خيال کان ڏسجي تہ انواد جي ڀاشا چڱي صاف سٿري سنڌي آهي. ليڪڪ انواد ۾ هندي يا سنسڪرت جا گهڻا لفظ استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪئي آهي. انوادڪ جي تخلص 'ڦانبرو' مان اهو ظاهر آهي تہ انوادڪ 'ڦنبر' جو رهندڙ آهي. 'ڦنبر' لاڙڪاڻي ضلع ۾ پوي ٿو. ڦنبر جي درٻار ڪافي مشهور آهي. لاڙڪاڻي ضلع جي ٻولي ٿورو بدليل آهي. ان تي اتر جي ٻولين جو ڪجھہ اثر هوندو هو. ان ڪري ڪي لفظ اهڙيءَ طرح لکيل آهن جو انهن جو اُچار وچوليءَ کان ٿورو ڦريل ٿو لڳي. جيئن 'مَهَل' (وچولي - महिल وقت)، 'ڇڏيانس' (وچولي - ڇڏيائينس). ائين تہ ڪٿي ڪٿي انواد جي بہ ڪا هڪ اڌ ننڍي وڏي غلطي آهي جيئن ڪوريءَ جي زال کي سندس يار وٽ وڃڻ جي صلاح ڏيندي سندس ساهڙي کيس مخاطب ٿي چوي ٿي 'پياري، ائين نہ چئہ . رَن جو اهو ڌرم ناهي'. (پيج ۵۷). مون کي خبر ناهي تہ ڪهڙي سنسڪرت لفظ لاءِ انوادڪ ساهڙيءَ دوارا صلاح ڏيڻ وقت 'رَن' جو استعمال ڪيو آهي پر سنڌي لپيءَ ۾ ڪيل نارائڻداس ڀنيجا جي انواد ۾ اها ست وڌيڪ موزون ڍنگ سان لکيل آهي. ڀنيجا ان ست جو انواد هن ريت ڪيو آهي. 'پورڙي، البيلي زال کي ائين نہ ڪرڻ جڳائي.' (پيج ۱۴۸).

هن انواد جي ٻي خوبي آهي سنڌي ديوناگري لپيءَ کي معياري روپ ۾ لکڻ جي ڪوشش. سيني کي ڄاڻ آهي ته لپيءَ جي خيال کان سنڌي ديوناگري لپي لڳ ڀڳ مقرر ٿي ويئي آهي پر سنڌي ديوناگريءَ ۾ سنڌي صورتختيءَ جا ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي طئہ نہ هئڻ سبب سنڌي ديوناگري لپي ڪيترن ئي نمونن سان لکجي رهي آهي. ڪيترا دفعا تہ ساڳئي ليکڪ جي ساڳيءَ رچنا ۾ ساڳيو سنڌي لفظ جدا جدا نموني لکيل ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ’هندي‘ لفظ ڪٿي हिन्दी تہ ڪٿي हिंदी لکيل هوندو آهي. ساڳي حالت ’سنڌي‘ لفظ جي بہ هوندي آهي. ڪٿي اهو सिन्धी تہ ڪٿي सिंधी لکيل هوندو آهي. هن انواد ۾ انوادڪ جي ڪوشش رهي آهي تہ سڄي ڪتاب ۾ صورتخطيءَ جي يڪسانيت رهي ۽ صورتخطي جيتري قدر ٿي سگهي سنڌي ڀاشا جي اُچارڻ جي ويجهو هجي.

اَنواد جي هڪ ٻي خوبيءَ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪجي ٿو وڃي. اها خوبي آهي تہ ڪيترن سنسڪرت لفظن جا سنڌي روپ ڏنا ويا آهن ۽ انهن جي معنيٰ بہ لکي ويئي آهي. جيئن سنسڪرت لفظ अग्निमुख = ’مُنگهڻ‘ ‘अतिकृपण’ = شوم يا ڪنجوس. उग्रशक्ति = اُگرو. मणिभद्र = ماڻڪ سيٺ. महिलाशेप्य = حورپور وغيره. اَئين انوادڪ ڪيترا نوان لفظ بہ ناهي ورتا آهن. جيئن - ’بي عقلائتا‘، वीणारव = ويڻا سُر (مَک جو نالو).

’پڙدي پنيان لال‘ عنوان هيٺ واسديو موهيءَ پنچتنتر جي تاريخي ڄاڻ، ان جي ڦئلاءَ، ان جي ڪهاڻين جي اثر جو بيان بہ ڪيو آهي ۽ ڪنهن مشهور ادبي رچنا جي ترجمي جي ڏکيائين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي هن ترجمي جي اهميت جي ڳالهہ بہ ڪئي آهي. موهيءَ هن ترجمي جي انوادڪ جي هن ڪوشش کي وڏي حاصلات چوندي کيس مبارڪون ڏنيون آهن.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ انوادڪ ڪتاب کي وندرائيندڙ سکياداءِڪ، سندر ۽ ڪارائتو بڻائڻ جي هرڪا ڪوشش ڪئي آهي، جنهن لاءِ انوادڪ گهڻيون گهڻيون مبارڪون لهڻيون.

**5, Maleer,**
**Ward 4-A,**
**Adipur (Kutch) 370205**



Echo and call are all the same
were originally one,
But separated only while hearing
O! Mystery of the sound indeed!

پڙاڏو سو سڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هُئا اَڳهين ڳَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻه ٿيا.

पड़ाड़ो सो सडु, वरु वाईअ जो जे लहीं,
हुआ अगहीं गडु, बुधण में बु थिया।

जेको पड़ाड़ो आहे सोई सडु आहे। आवाज़ जी रम्ज़ जे
सुञाणीं त,असुल में बुई हिकु आहिनि पर बुधण में बु
था अचनि।



ليک / واسديو موهي

# سنڌي شاعريءَ ۾ صوفيواد ۽ رهسيواد

شاعريءَ جا انيڪ روپ، انيڪ ڪنڊون ٿين. مان جيڪر چاهيان ته شاعري / ڪوتا کي صرف دل جي ٻوليءَ طور سمجهون، مڃي هلون، پر اسانکي اُن ۾ شايد سنتوش حاصل نه ٿيندو، انُجي چير ڦاڙ ضرور ڪنداسين، هيءَ ڪوشش به اُهو ئي بي رحم عمل آهي. سنڌي شاعريءَ جي ڪيترن چهرن ۾ صوفيواد وڏيڪ چمڪيلو چهرو آهي، شايد شاهه سائينءَ جي معتبر شاعريءَ جي ڪري. هندستان ۾ ڀڳتي ڪال جي ڪوتا رهسيواد سان اوت پروت آهي، هنن اَهڙي احساس، اَهڙي مشاهدي جي ڳالهه ڪئي آهي جا ڪنهن الَوڪِڪ شڪتيءَ ڏانهن اِشارو ٿي ڪري. صوفيواد يا تصوف به اَهڙي ڪنهن آفاقي عنصر ڏانهن ئي رخ ٿو ڪري جنهن ۾ طالب جي شديد تلاش جاري آهي، اُن روح سان ملي هڪ ٿيڻ جي، جنهن ڪان ٻاهرين ڪارڻن ڪري دوري ٿي ويئي آهي. اَڃا به، جيڪڏهن اِن تلاش کي سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته اُها چوي ٿي ته اُهو تون ئي آهين جنهنکي تون ڳولهين ٿو. اُهو تو ۾ ئي سمايل آهي. تصوف جو مول اِهو ئي آهي. جنهنکي تون تلاشين ٿو، سو تون پاڻ آهين. شاهه سائينءَ سسئيءَ دوارا اُن موڱ متي کي واضع طور اسان سامهون رکيو آهي :

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچيُن ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هيا.

(شاهه سائين. سُر سسئي آبري، داستان پنجون)

بئي پاسي، ’رهسيواد‘ (mysticism) کي ودوانن پنهنجي پنهنجي نموني سمجهيو آهي، انُجي تشريح ڪئي آهي پر انُجي قبولڻ لائق وصف آهي ’ايشوري سچ کي پائڻ‘. پارت ۾ رهسيوادي روحانيت جا ٻه درجا ملن ٿا : هڪ آهي جنهن ۾ طالب پاڻ کي ڪائناتي سچائيءَ جو حصو مڃي ٿو، پاڻکي انُ کان الڳ نٿو پائني. ٻيو درجو اهُو آهي جنهن ۾ فرد ايشوري شڪتيءَ کي پروڙي ٿو، انُ جي احساس کي لفظي جامو پهرائي ٿو پر پاڻکي ۽ انُ پرم شڪتيءَ کي جدا محسوس ٿو ڪري، انُ سان هيڪڙائي نٿو پائني، هنکي پنهنجي وجود جو پورو هوش رهي ٿو. ويدانتي اصطلاح ۾ پهريون درجو ادَوئت (non-dualism) ۽ ٻيو درجو دوئت واد (dualism) طور ڄاتل آهي. صوفي شاعريءَ پهرئين درجي کي اپنايو آهي. پارت جي ڪيترن ڪوين انهن درجن جي آسپاس ڪوي ڪرم ڪيو آهي - ٽئگور، ڪبير، بُلي شاهه، وغيره، وغيره.

ايران جو اوائلي صوفي شاعر بايزيد بِسطامي (وفات 874ع)، جنهنجي صحبت سنڌ جي اوائلي صوفي شاعر ابو عليءَ سان هئي، چوي ٿو ته جڏهن مون پاڻکان پري ٿي نظر ڪئي، تڏهن ڏٺم ته عاشق، معشوق ۽ عشق ٽيئي هڪ چيز آهي. پر هتي ايران جي صوفي شاعرن ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن جي رخ جي بنيادي فرق کي سمجهڻ ضروري ٿيندو : ايران جي شاعريءَ ۾ سالڪ پريمي آهي، پريمي، پريمڪا جي تلاش ۾ سرگردان آهي، جڏهن ته سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ پريمڪا، پريميءَ جي تلاش ۾ آهي. اِتي، سنڌي صوفي شاعري، پارت جي ڀڳتي ڪال جي رهسيوادي شاعريءَ سان ميل کائي ٿي جنهن ۾ ٻه عورت پنهنجي پريم جي ڳولها ۾ آهي - ميران ۽ راڌا انُ پريمڪا جا ئي روپ آهن. پريم جي اِها تلاش حق (ست -سچ) جي تلاش آهي، جو رهسيواد يا ويدانت ۾ ’برهم يا برهمن‘ طور ڄاتو ٿو وڃي. صوفي شاعريءَ ۾ برهم يا حق اِنسان کان پري ڪونهي اِئين چوڻ جي جڳهه تي اِئين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته اهُو اِنسان کان الڳ ڪونهي. صرف ٻاهرين وڪارن جي ڪري اِنسان پاڻکي انُکان پري پائني ٿو. اِهي ڄاتل سڃاتل وڪار ئي اِنسان کي پاڻکي سڃاڻڻ جي عمل آڏو اَچن ٿا. ويدانت انُکي ’مايا‘ ٿو سڏي. مايا پرمائي ٿي ۽ انسان پاڻکي رولي ٿو.

تصوف ۾ پريم کي وڏو مَرتبو حاصل آهي. صوفي پريم جي ٻوليءَ ۾ ئي پاڻکي اِظهار ڏين ٿا، نيڪ اِن طرح جئن رهسيواد (mysticism) ۾ ڪرشڻ ڀڳت ميران، سورداس، جايسي پنهنجو اٿاهه پريم ڪرشڻ لاءِ يا رام ڀڳت تلسيداس رام لاءِ درشائين ٿا. سنڌي صوفي شاعريءَ ۾ اهنڪارکي پريم آڏو اَڏ مڃي ويئي آهي. صوفين جو عقيدو آهي تہ اهنڪارسپرينءَ جو احساس ٿيڻ نٿو ڏئي. شاه سائينءَ جي تڙ ڏاڏي شاهہ عبدال ڪريم بلڙيءَ (1538-1623ع) واري جو بيت آهي:

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃاءِ هوُ لهُہ
تونهان ڏارنَہ سپرين، مون منجهہ ئي پاءِ.

تصوف ۾ پريم جا سُپرين سان ملڻ جا چار ڏاڪا ڏيکاريل آهن - مجازي يا شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. مجازي عشق ٻاهرئين روپ سان وابستہ آهي. سيني صوفي شاعرن عورت جي جسماني سونهن جو اظهار بيحد تخليقي ڍنگ سان ڪيو آهي عطا محمد حاميءَ واري 'سچل سرمست' ڪتاب ۾ سچل سرمست، محبوب جي چهري جي ڀيٽ قران شريف سان ڪندي چوي ٿو :

مصحف پاڪ چوان مُنهڙو محبوبن جو،
آيتون منجهہ عشق جون، مطالع ڪيان،
قاري اچي ڪو پڙهي هجي هي روان
طرف سڀ سنوان ڏنگو ڏسان ڪونہ ڪو.

معشوق جي چهري جي مشابهت قران شريف سان، چهري جي ريکائن ۾ محبت جون آيتون پڙهڻ ۽ اُن جا سڀ حرف بنا ورونڪڙ جي پائڻ جماليات جو انوکو مثال آهي. (ص 24)

مجازي عشق جي ڳالهہ ٻين صوفي شاعرن بہ ڪئي آهي. قادر بخش بيدل (1814-1872ع) جو معشوق جي اکين لاءِ احساس بہ غور طلب آهي :

رمز چوان يا مام چوان گهوُر سجڻ جي هزارين گهايا
رخ سجڻ جو گل گلابي، بلبل ويک ٿيو بيتابي
نرگس چشمان نيڻ شرابي، چشم چوان يا بادام چوان.
(ديوان بيدل ص 117)

پر اِتي اهو واضع ڪرڻ ضروري ٿو لڳي تہ سنڌي صوفي شاعرن عورت کي علامت طور ڪم آندو آهي. مثال طور عمر- مارئيءَ جي قصي ۾ عمر کي 'نفس' ۽ مارئيءَ کي انساني روح مڃيو ويو آهي. نفس اِنساني روح کي قيد ۾ قابو ڪري کيس لالچائي بد راهہ ڏانهن ڇڪي ٿو (اِها طريقت واري منزل آهي جنهن ۾ طالب کي اندرين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو آهي). ساڳيءَ طرح ليلا کي هارَ منجهايو، گمراهہ ڪيو. مارئيءَ يا ليلا جيان جيڪڏهن سالڪ لالچن کان پاڻکي بچائي وٺي تہ ساهڙ سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي راهہ کُلي ٿي. تصوف دنيوي آڪانڪائن، هر قسم جي طمع، ذهانت جي ڦير ڦند کان آجو آهي. اُهو سادگيءَ (صوفي لفظ صف مان نڪتل آهي جنهنجي معنيٰ اُن، پشم آهي جا سادي لباس ڏانهن اِشارو ڪري ٿي) پرارٿنا ۽ چنتن (meditation) کي مرڪز ۾ رکي ٿو.

تصوف پلي ڪن لاءِ منووگيان يا اخلاقي سطح تي سمجهڻ ڏکيو لڳي، ڇاڪاڻ تہ اُهو هڪ اَهڙي سرشتي کي اپنائي ٿو جنهن تحت سنسار ۾ رهندي بہ سنسارجو انس ٻڌجي رهڻ جي حقيقت کان انڪار ڪيو ٿو وڃي. اُن مطابق اَنس ئي ڪُلُ آهي ۽ ڪُلُ ئي انس آهي، وحدت ڪثرت آهي، ڪثرت وحدت آهي. اِن احساس بعد، پروڙيندڙ ۽ پروڙيل شيءِ هڪ ٻئي ۾ گهُلي مِلي ٿا وڃن. اِتي اچي سسئي، خود پنهون ٻڌجي ٿي پوي يا 'ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي' جو انيوَ ٿئي ٿو. تلاش پوري ٿئي ٿي، تصوف ۾ اِنکي 'فنا' جي اِستتي ليکيندا آهن. عيسائي اِنکي 'ڪل سمرپڻ'، گيتا اُنکي 'پاڻ اَرپڻ' ليکي ٿي ۽ ٻوڌين لاءِ اِها 'نرواڻ' جي حالت آهي.

تصوف جا ٻج اِسلام ۾ مڃيا ويا آهن. اُنجا پهريان سَلا مصر ۽ سوڊان ۾ اٺين صديءَ ڌاري ملن ٿا. يارهين صديءَ ۾ اَبو خئر جا تصوف جو ڏيک ڏيندڙ فيلسوفاڻا شعر ملن ٿا پر پختي نموني اُهي تيرهين صديءَ ۾ جلال الدين رومي (1207-1273ع)، عطار، فريد الدين، صنائيءَ ۽ حافظ شيرازيءَ جي فارسي شاعريءَ ۾، حلاج ۽ اِبن فريد جي عربي شاعريءَ ۾ ۽ تُرڪيءَ جي يونوس عامر (Yunus Emre) جي شاعريءَ ۾ ڦلجندا نظر اَچن ٿا. سنڌي صوفي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو خاصو اثر ٿيو. حالانڪ، سنڌي شاعرن پنهنجيون

الڳ راهون جوڙيون. تصوف جا سلا اِسلام ۾ مڃيل هئڻ جي باوجود، صوفين اِسلام ۾ ممنوع موسيقيءَ کي کُليءَ دل سان اپنايو. سنڌي صوفي شاعرن، شاهه سائينءَ کان وٺي پين سيني سماع کي اهميت ڏني. هنن سنگيت کي روحاني راهه جو اٽُٽر عنصر مڃيو. شاهه جي بيتن ۾ راءِ ڏياچ جو سُرَ خاطر سِرُ ڏيڻ جو حوالو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. هنن سنگيت کي پنهنجي خالق سان ميلاپ جو ذريعو ڪري ڪنيو - سماع جي صورت ۾ هو پنهنجو پاڻکي وساري مالڪ سان هڪ ٿي وڃڻ جي اِستتيءَ ۾ خود کي پائنين ٿا. اڄ بہ شاهه سائينءَ جي ڀِٽ تي سماع اروڪ جاري هوندو آهي. اِنڪري ڪٽرپنٿين هميشه صوفين کي شڪ شبهن جي نظر سان ڏٺو آهي.

۽ اِنڪري ئي، جڏهن بغداد ۾ حسين اِبن منصور ال حلاج 'اناالحق' (مان حق آهيان) جو نعرو هنيو تہ هنکي بي رحميءَ سان 28 مارچ 913ع تي، سوريءَ تي چاڙهيو ويو. اُنڪانپوءِ هن اُپکنڊ ۾ جيڪي شهيد منصورال حلاج جي راهه تي هليا ۽ وحدت ال وجود جو نعرو بلند ڪيو سي هئا مغل شهزادو داراشِڪوه ۽ شاعر سرمد ۽ سنڌ ۾ اهُو نعرو هڻندڙ ۽ شهادت ماڻيندڙ هو جهوڪ جو شاهه عنايت (1718-1656ع)، جيتوڻيڪ هو شاعر ڪان وڌ سماجي چيتنا آڻيندڙ ڪرانتيڪاري هو. شاهه سائينءَ ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ کي شاهه عنايت جي شهادت بيحد متاثر ڪيو. سچل کي تہ پوءِ منصور جو ثاني مڃيو ويو هو جو هن بہ بي خوف ٿي اناالحق جو نعرو هنيو هو. اِن نعري جو مرم اِهو ئي آهي تہ نعرو هڻندڙ اُن اعليٰ روح سان هيڪڙائي ٿو محسوس ڪري.

سنڌي صوفي عبادت ۾ ڪن بہ پابند ريتين رسمن کي ناڪارين ٿا. قاضي قادن (1463-1551ع) چيو تہ مڪو مدينو تنهنجي اندرم آهي، پنهنجي اندرين اڪ سان اُهي ڏس. سچل تہ شروع کان ئي دهل هو، هرڳالهه ڏونڪي تي چوندو هو، هن اعلان ڪيو تہ 'ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، ڳهڙان نہ اُنهيءَ گهيڻ / جاڏي راهه رسول جي، تاڏي پايان نہ پير/ جي من مان ڪڍان نہ مير، تہ حضوري حاصل ئي نہ ٿئي.' پر شاهه سائين، هميشه جيان پنهنجي مانيٺي سُر ۾ فرمايو :

تنُ تسبيح، من مٽيو، دل دنبورُو جن
تندون جي طلب جون وحدت سُر وڄن
هو هڪ آهي شريڪ، اِهو راڳ رڳن
سي سُنا ئي جاڳن، ننڊ عبادت انُهنجي

صوفي فرقيپرستيءَ جي ڦندن کان آجا آهن. مسلم شاعرن اڪثريت سان، ڪيترن ئي هنڌن تي هندو ديوين ديوتائن جو ذڪر عقيدت سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. شاهه سائين تہ ڪجهہ عرصو رهيو ئي جوڳين سان، هنن سان رهڻ ڪيو، ۽ جوڳين جي سنگ مان پرايل گيان جو، بنا هٻڪ بيان ڪيو. هتي قاضي قادن (1463-1551ع) جي بيت کي ڏسڻ واجب ٿيندو، جنهن ۾ هن جوڳين مان فيضيابيءَ جي ڳالهہ شدمد سان ڪئي آهي، اِن حقيقت جي باوجود تہ هو اسلامي شريعت جي ڪٽر پوئلڳن سَمن ۽ ارغونن جي راڄ دوران، هننجي ماتحت قاضيءَ جا فرض ادا ڪندو هو :

سُتا هُتوسُ ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳايوسِ،
مَرُ وڃايائين مون مَنان، تَتُ ويکايوسِ
(قاضي قادن جو ڪلام : (36 ص 18)

ويدانتي ڪوي ساميءَ (1743-1850ع) جي واٽ بہ صوفين کان الڳ ڪانهي. سامي صاحب بہ پريمي - پريمڪا کي هڪ ٿو مڃي:

عاشق سي چئجن، جن تي عاشق پاڻ ٿيو
جتي ڏسن نيڻ پري، تِتي پرين ڏسن،
اُٿندي وهندي ننڊ ۾ سامي مليا رهن
اَهڙي رنگ رچن، سي عاشق مان معشوق ٿيا.

يا

سامي سپ ديدار اٿيئي عجيبن جو
ڏسي ٻڏي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻ هار
نراڪار آڪار ڌاري آيو جڳ ۾

سامي صاحب جو وشواس آهي تہ روشنيءَ کي ڍڪيندڙ ڪيترا 'مايا' جا پردا آهن، انُهن پردن کي هٽائڻ سان ئي پرينءَ سان مڪاميلو ممڪن آهي.

اُهي پردا اوديا جا، اگيان جا آهن، جنهنجي ڪري جيءُ هن اَست سنسار کي ست ڄاڻي وينو آهي ۽ ڪام، ڪروڌ وغيره پنڃن ويرين جي وَل ڇَل ۾ ڦاسي ٻيائيءَ ۾ ڳُم ٿي ويو آهي، ستگروءَ جي سنگ ڪرڻ سان اِها ٻيائي دور ٿي ويندي ۽ ايشور ۽ جيوَ جي دوري دور ٿي ويندي. جئن جوت، جوت سان، بوند درياءَ سان ملي هڪ ٿي ويندي آهي تئين جيوَ ۽ ايشور هڪ ٿي ويندا آهن. اِن اگيان جي ڀرمن کي دور ڪرڻ جي صالح دلپت (1769-1849ع) هن ريت ڏئي ٿو :

ٻيائي ٻولي ڪري ڀوري ڀرم نہ ڀُلُ
هوت تنهنجي هنج ۾ ناحق روهہ نہ رُلُ

هتي اَسين قديم فلاسافر شنڪر آچاريہ (820-788ع) کي ياد ڪريون. هن رشي بادراڻ جي مُرتب ڪيل ويدانت سوُترن ۽ ڀڳوت گيتا جي ٽيڪائن ذريعي ويدانت کي سمجهايو. ويدانت موجب برهمن يا آتمن، جنهنکي تصوف ۾ ’مطلق هستي‘ ٿا چون، اِنسان کان پري ڪونهي. سُپرين ساهہ کان بہ اوڏو آهي (شاهہ بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي : نائين نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو)، اِهو ساهہ کان اوڏو هئڻ جو ارٿ اِهو ئي آهي تہ اُهو ساهہ ۾ سمايل آهي، اُهو ’اَنيو‘ يا اَحساس يا ’عين اليقين‘ رستي محسوس ڪري سگهجي ٿو. تڏهن ئي ڪو ’اهم برهم اسمي‘ (مان برهم آهيان)، چئي سگهي ٿو، صوفين مطابق اُهو ئي تہ ’اناالحق‘ آهي. ويدانت چوي ٿو ’تت توَم اَسي‘ (اُهو تون آهين). تصوف اُن حق کان الڳيت جو ڪارڻ وڪار ٿو چوي، جڏهن تہ ويدانت ۾ اُنکي ’مايا‘ يا ’وهم‘ يا ’رڄ‘ ٿو سڏيو وڃي. شنڪر آچاريہ انساني حياتيءَ کي سپني مثل ٿو مڃي، جاڳ تي ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ٿو. ويدانت ۾ جيو آتما ۽ پرم آتما کي هڪ مڃيو ويو آهي. تصوف ۾ اِها ’فنا‘ جي اِستٿي آهي ۽ ويدانت ۾ وري اُنکي ’لين‘ طور سڃاتو ويندو آهي. مايا جي پردن کان آجي ٿيڻ تي جيو آتما کي پروڙ پوي ٿي تہ هوءَ ئي پرم آتما آهي. اِها ’موڪش‘ جي اِستٿي آهي، ’مڪتيءَ جي حالت آهي جيڪا تصوف ۾ ’بقا‘ طور ڄاتي ويندڙ اِستٿي آهي. ظاهر آهي تہ ويدانت ۽ تصوف ڳالهہ هڪڙي ئي ٿا ڪن تہ ست - حق هڪ آهي، جيو آتما ۽ پرم آتما هڪ آهي صرف لفظن جي الڳيت آهي، نالا

جدا آهن. جئن ويدانتيءَ جي ’جوت‘، صوفيءَ لاءِ ’نور‘ تي ئو پوي؛ اِن ريت نمبر وار ’شِوم‘، ’داتار‘ ۽ ’مايا‘، ’طلسم‘ تي پون ٿا؛ ويدانتيءَ لاءِ جوڳو مارڳ ڏيکاريندڙ ’ستگروءَ‘ جي ضرورت آهي تہ صوفيءَ کي ’ڪامل مرشد‘ جي خواهش آهي؛ ويدانتيءَ جي منزل ’لين‘ ٿيڻ آهي تہ صوفيءَ جي ’فنا‘ ٿيڻ؛ ۽ ٻنهي جي آخري لالسا يا خواهش بہ صرف لفظن جو ئي ڦير آهي : ويدانتيءَ جي لالسا ’مڪتيءَ‘ لاءِ آهي تہ صوفيءَ ’بقا‘ چاهي ٿو. ويدانتيءَ جي چاهہ آهي جيو آتما، پرم آتما سان ملي هڪ ٿئي تہ صوفيءَ جو ارمان آهي ’جُزو‘، ’ڪُلُ‘ سان هيڪڙائي حاصل ڪري. ويدانتي ’سو اَهم‘ آکي ٿو يا ياد ڏياري ٿو تہ ’تت توَم اَسي‘ تہ صوفي ’اناالحق‘ جو نعرو ٿو گونجائي. ويدانتي ’اَدوَ ئت‘ جو سڌانت مڃي ٿو تہ صوفيءَ جي عقيدت ’وحدت ال وجود‘ ۾ آهي، ۽ ٻئي هستيءَ جي هيڪڙائيءَ ڏانهن اِشارو ڪن ٿا. اَهڙيءَ طرح ويدانت جو ’نرگڻ - سگڻ‘ تصوف ۾ ’نفي - اِثباتي‘ تي پوي ٿو. ويدانتيءَ لاءِ چار اوسٿائون ’جاڳرت، سُپن، سُشپتي ۽ تريا‘ صوفيءَ لاءِ پريم جي پنڌ جون چار منزلون ’شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت‘ تي پون ٿيون.

نہ صرف ويدانتي ۽ صوفي سوچ ساڳيو آهي پر هن اُپڪند يا اِئين چئجي تہ عالمي سطح تي ايشوَري گيان يا خدا شناسيءَ (Theosophy) نسبت عقيدا ساڳيا نظر ايندا. ڪير ڪنهن کان متاثر ٿيو آهي، سو تہ تحقيق لائق وشيہ آهي پر في الحال ڪن هڪجهڙاين جو نوٽ وٺڻ دلچسپ ٿيندو : شنڪر آچاريہ چيو ’شِوَ اهم‘ ( مان شو آهيان)، گرونانڪ (1539-1469ع) چيو ’ايشور سچ آهي‘، يوناني فلاسافر هيراڪليٽس فرمايو : ’هيءَ شيءِ جُزي مان اَچي ٿي ۽ جزو هر شيءِ ۾ رونما ٿئي ٿو‘. بائيبل چوي ٿو تہ خدا اِنسان جي عڪس ۾ ظاهر ٿيو (Genesis-1:27) ’فادر مون ۾ آهي ۽ مان هُن ۾‘ (John 10:38:30)، پاڪ قران شريف ۾ خدا چيو : مون آدم ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو آهي، جيڏانهن نظر ڪندين، الله پسندين (اِن حوالي ۾ مٿي ڏنل ساميءَ جو سلوڪ وري ڏسي سگهون ٿا ص 5.4). ايسا اُپنشد ۾ وري اِئين چيل آهي تہ : اوُ اوڏو آهي تہ ڏور بہ، اوُ سيني جي اندر ۾ موجود آهي تہ سڀ جي ٻاهر پڻ آهي؛ او پاڻکي سيني ۾ ۽ سيني کي پاڻ ۾ پسي ٿو. پراڻي ٽيسٽامينٽ ۾ خدا موزز کي چوي ٿو :

مان جو آهيان، سو آهيان (Exodus-3:14) . ۽ اسانجي سچل سائينءَ وڏي واڪي ظاهر ڪيو 'مان جوئي آهيان سوئي آهيان.'

سنڌي صوفي شاعري، جيئن مٿي چيل آهي علامتن سان سير آهي، خاص ڪري شاهه سائينءَ جي. شاهه سائين تصوف جا نُڪتا ظاهر ڪرڻ لاءِ اڪثريت سان لوڪ ڪٿائن جو آڌار ڌو وني ۽ بيحد ئي فينسٽائيءَ سان پنهنجي ڳالهه، شاعريءَ جي نفاستن سان جوڙي اسان آڏو آڻي ٿو، حالانڪ ٻين صوفي شاعرن ايتري نفاست يا جماليات کان ڪم ڪونه ورتو آهي، تنهن ۾ بہ سچل سرمست تہ گهڻو ڪري پنهنجي ڳالهه چوٽ تي بيهي ٿو ڪري، 'پاڻ سڃاڻڻ، نفي يا اثباتي يا هم اوست (سڀ هو ئي آهي)' نُڪتا سدا سنوان اُچاري ٿو، البت، بي ساختگي هنجي شاعريءَ جي خوبي بڻجي آئي آهي،تنهن ڪانسواءِ هنجي اُڌارن جي موسيقيت کان بہ ڪو انڪاري ٿي نہ سگهندو. شاهه سائينءَ انساني پاوَن کي سنويدنشيل بڻايو آهي ۽ قدرت کي تخليقي روپ ۾ چٽيو آهي، سامي پنهنجي ويدانتي واٽ تي سانت پاوَ سان پنڌ ڪري ٿو، واڪو تہ اصل ڪونہ ٿو ڪري، قادربخش بيدل (1814-1872ع)، هنجو فرزند محمد محسن بيڪس (1859-1882ع)، دلپت (1769-1849ع) ۽ ٻين ڪيترن شاعرن پنهنجي ڳالهه پوري اعتماد سان ڪئي آهي. تصوف سان گڏو گڏ هر صوفيءَ جو رخ پيار ۽ اِنسان پرستيءَ جو آهي، هر صوفيءَ جو سنيهو اُهو ئي آهي - پيار جو، شانتيءَ جو، سهپ جو، سهه - جيون جو، سهڪار جو. اڄ جي سنڌي شاعريءَ ۾ بہ تصوف جا، ويدانت جا، يا ظاهر باطن رهسيواد جا اُهڃاڻ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اظهار پائين ٿا، پلي اُهي توتاري جي صورت ۾ ڪونهن، پڪارن ۾ آهن، پر تلهن واڪن کان معنيٰ خيز پڪارا وڌيڪ ڪڙڪيدار (vocal) هوندا آهن.

(ساهتيہ اڪادميءَ ۽ سنڌي اڪادمي، دهليءَ جي 22 مارچ 2014 تي دهليءَ ۾ ٿيل 'سنڌي صوفي شاعري' سمپوزيم ۾ پيش ڪيل)

(بشڪريہ ساهتيہ اڪادمي، نئين دهلي)

**A-355, Nayan Nagar,**
**Sahijpur Bogha,**
**Ahmedabad - 382345**

Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

*Dada J.P. Vaswani*

**RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION**
**DUBAI**

جَٽِيَنِ، شادي، چنڊ تي، ڌا ڀهراڻا ڪڍن،
هٿ ۾ ڏونڪا،تال تي، ڌا مستن جيان نچن،
نچندي ڇيڄ وجهن، سنڌي منهنجيءَ سنڌ جا.




*With Best Compliments from*

# Lal Hardasani

**G.P.O.Box 9991**
**Hong Kong**
**Tel No. (Off.) 852-2850 5666**
**Fax No. (Off.) 852-2851 7061**
**Mobile No. - 9092 7864**
**Email-lal@lals-insurance.com**

جُهمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالهہ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالهہ يا ڍولڪ بہ وڄائن تہ مني مني سُرَ ۾ لاڏو يا سهرو بہ چون. زالن جو پيو جُهنڊ پيرا ڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُهمر سونهن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي





*With Best Compliments from*

# Notan Tolani

**P.O.Box: 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd.T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : notan@solartimeltd.com**

With Best Compliments from :

# CHHATLOK POONAM FOUNDATION

*Trustee*
**JATWANI FAMILY**

**Office :** 280 L. T. Marg, Ramchandra Building, 2nd Floor,
Opp. G. T. Hospital, Mumbai - 400 002.
**Hall :** Lok Hit Kutir Hall, 528 A/B 16th Road, Opp. B.P.M. High School,
Danda Road, Khar, Mumbai - 400 052.
Office Tel.: 22083278 / 22080351 HALL Tel.: 26045700
E-mail : loksons@bom2.vsnl.net.in

## At Kuala Lumpur - Malaysia



Team of Sindhi Singing Birds, Saral Roshan, Asha Chand, Kajal Chandiramani, Kajal Ramchandani, Kavita Israni, Manjushree Asudani-Tejwani



New Sindhi luminaries, Kajal Chandiramani, Kajal Ramchandani, Manjushree Asudani-Tejwani, Chitra Taglani with Asha Chand, Chand Punjabi & Lakhmi Khilani

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
PRESENTS



# NARAIN SHYAM JA GEET

SINGERS



SAPNA RAISINGHANI



TULSI MANGTANI

**Sahit ain Kala ji RACHNA** Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540